بسم الله الرحمن الرحيم

مسلڪ اهلحديث جو داعي

دعوت اهلحديث

من آثار

شيخ العرب والعجم علامه سيد

بديع الدين شاه الراشدي رحمه الله

جمادي الاول / جمادي الثاني ١٤٣٧ھ مارچ 2016ع

شمارو: 177



جمعيت اهل حديث سنڌ جو ترجمان

بسم الله الرحمن الرحيم

مسلڪ اهل حديث جو داعي

دعوت اهل حديث

جمعيت اهلحديث سنڌ جو ترجمان

مؤسس
حڪيم قاضي
عبد الحق
انصاري رحمة الله عليه

من آثار
شيخ العرب والعجم علامه
سيد ابو محمد
بديع الدين
شاه الراشدي رحمة الله عليه

177

جمادي الاول / جمادي الثاني ١٤٣٧ھ مارچ 2016ع

جلد نمبر 15 شمارو نمبر 9

هن شماري ۾

Email:Dawatah@gmail.com

Email:Dawatah@gmail.com

قيمت

في شمارو 30 روپيه

ساليانو زرتعاون

پاڪستان 360 روپيه

بيروني ملڪ 50 ڊالر

خط و ڪتابت لاءِ

ماهوار دعوت اهل حديث
مرڪزي جامع محمدي مسجد اهل حديث
پڪو قلعو چوڪ حيدرآباد سنڌ
فون
022-2621378
03003129452

پروفيسر مولا بخش محمدي

دلبر ديس کي معصوم مرڪون موٽائي ڏيو

اڄ جي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾" ملت مسلمہ " تي هڪ طائرانہ نگاہ سان ٿا نهاريون تہ نيڻ پڇيو پون. ڪائنات ۾ مانائتا مسلمان هيڪاندي هيتري هجوم هوندي بہ دنيا لاءِ لقمہ تر، ڏاڍا مايوس، مجبور، لاچار ۽ بنھ بيوس بنيل آهن. هو پاڻ ۾ ئي هڪ ٻئي جو عزت ۽ احترام ڪرڻ بجاءِ ڄنڊا پٽ ڪندي، هڪ ٻئي جي رت جا پياسا پيا نظر اچن. هيترن مالي لحاظ کان سان منافع بخش ممالڪ جي حق حڪمراني هوندي ڄڻ ڌرتي تي بار بڻيل هجن، پوءِ غيرن جو هر فرد ڪين خونخوار ۽ شڪي نگاهن سان پيو نهاري . دنيا ڪي ڇڏي اسان رڳو پنهنجي وطن عزيز جون هولناڪ حالتون ڏسنداسون تڏهن بہ ڏنديں آڱريون اچيو وڃن. اسان جا اڳواڻ اقتدار جي انڌ ۾ اچي ڪڙ، ڪپت، ڪرپشن، بدعنواني، بي ايماني ،اقربا پروري، مال ميڙڻ ۽ ماديت جي نشي ۾ ايترا تہ اسير بنيل آهن جو قومي ، اخلاقي ۽ انساني ليڪا لنگهي مغرب کان بہ قدم اڳيان پيا پيش پيش نظر اچن. جڏهن اڄ جا اڳواڻ ان رستي جا راهي آهن تہ پوءِ سندن رعيت ڪي پڻ دنيا ۾ دهشتگرد، جنوني، جذباتي، موتمار ڪاروايون ڪندڙ بي رحم ۽ ساٿيھ جي سماج لاءِ سفاڪ طور سڃاتو پيو وڃي.

بس جهڙو راجا تهڙو پرجا ! انهن اوڳڻن سبب ڪين اڪيلو ڪري دنيا نفرت ۽ حقارت جي نگاہ سان پئي نهاري، هنن هولناڪ حالتن سبب ڪاپي ڏر وارو طبقو لبرل ازم ،سيڪيولر ازم ، اشتراڪيت، انارڪي، قوم پرستي ۽ جدت جي جهان ۾ اچي اسلام جي بنيادي اصولن جوئي انڪاري پيو نظر اچي، ايستائين جو ڪورس جي ڪتابن مان ئي مذهب اسلام جو خانو حرفِ غلط وانگي مٽايو پيو وڃي ، مٿان لاديني ۽ اسلام دشمن استادن جون عنايتون اضافي وڌي واڪي آزادي اظهارجي نياري نانءُ تي ڪفر ، الحاد ، انڪار ، ارتداد ، عرياني ، فحاشي ، بي حيائي ڪي زندگي جي هر موڙ تي بنيادي حق تصور پيو ڪرايو وڃي . جمهوريت جي ڇانءُ واري ڇٽي هيٺ

ايندڙ حڪمران طبقو مذهب ڪي ترقي جي راهه ۾ رڪاوٽ تصور ڪرائيندي اسلام جي نانءُ ڪان بدظن ، متعصب ، مغرور ، منتقم مزاج ، اقربا پرور مال ميڙڻ جي مشين ، زَر، زَن ، زمين جو حبدار، غرور، تڪبر ، هٺ ۽ هوڏ جو پتلو بنيو بيٺو آهي. ههڙي نهٽڻ اُس ۾ اڪيلي، مذهب انسانيت ۽ حب الوطني جي دعويدار شهري لاءِ سج سوا نيزي تي اچي بيٺو آهي . روزانہ اخبارن جون سرخيون پڙهندي حساس ۽ انسانيت تي ويساهه رکندڙ انسان جون وايون بتال ٿيو وڃن ، سوچجي تہ آخر اشرف المخلوقات انسان ڪئين هيترو پنهنجي مان ۽ مرتبي ڪان هيٺ لهي آيو آهي ؟ جنهن لاءِ ڪائنات معرضِ وُجود ۾ آئي. ٻيو تہ ڇڏيو مگر اسانجي سنڌ سُونهاري جيڪا صدين ڪان سهپ سنجيدگي ، سياڻپ ، اعتبار ۽ ويساهہ جو گهر هئي جنهن جو تاريخ ۾ تہ نانءُ ئي "باب اسلام" عطا ڪيو ويو.اسلام اهو دين قيم جنهن ڪان قيصر و ڪسري ڪنبي ويندا هئا، ان سنڌ جي ڪيئن اچي نيمي ناس ٿي آهي.

باقي اسلام جي عظمت ۽ حقانيت لاءِ هيترو ڪافي آهي تہ حضور پاڪ ﷺجن جڏهن بہ ڪو اسلامي لشڪر ڪنهن مهم جوئي لاءِ موڪليندا هئا تہ مخالفين اسلام جي عورتن، گلن جهڙن معصوم ٻارن، جهور پوڙهن، عبادتگاهن، پوک، ساوڪ، آبادي ڪان سواءِ باغن ،وڻن ،ٻوٽن، جيڪي ماحول لاءِ موچارا هئا انهن سڀني جي هٽ چراند ڪرڻ ڪان روڪيو اٿن، ڇو تہ اقليتن ۽ ذميءَ ڪي پڻ مانائتو مقام عطا ٿيل هو. اهڙي انسانيت ۽ اهنسا واري مذهب مان ڪيڙا ڪيڻ تہ ڪنهن ڪم ظرف جوئي ڪم ٿي سگهي ٿو. اسلام تہ مڙني مسلمانن ڪي قرآن ۽ سنت جي مطابق پر امن حياتي گهارڻ جو ڏس پتو ڏنو آهي، پوءِ اهو مسلمانن تي منحصر آهي تہ هوبئي مؤمن لاءِ سينو ڪيني ڪدورت ڪان پاڪ ڪري، ملاقات وقت نرڙ تان گهنج گهٽائي اخلاص جي موڙي ۽ ماياساڻ ڪري پاڻ ۾ هڪبئي جو مخلصانہ مؤقف ٻڌي سيني سان سانڍي رکن.

فضيلة الشيخ عبدالرزاق ابراهيمي جامعہ شمس العلوم المحمديہ اهلحديث بدين سنڌ

درس قرآن: ٩ يهودي قوم جي عالمن ۽ جاهلن جو بُرو ڪردار

اَفَتَطْمَعُوْنَ اَنْ يُّؤْمِنُوْا لَكُمْ وَ قَدْ كَانَ فَرِيْقٌ مِّنْهُمْ يَسْمَعُوْنَ كَلٰمَ اللّٰهِ ثُمَّ يُحَرِّفُوْنَهٗ مِنْۢ بَعْدِ مَا عَقَلُوْهُ وَ هُمْ
يَعْلَمُوْنَ ﴿٧٥﴾ وَ اِذَا لَقُوا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا قَالُوْٓا اٰمَنَّا ۚ وَ اِذَا خَلَا بَعْضُهُمْ اِلٰى بَعْضٍ قَالُوْٓا اَتُحَدِّثُوْنَهُمْ بِمَا فَتَحَ اللّٰهُ عَلَيْكُمْ
لِيُحَآجُّوْكُمْ بِهٖ عِنْدَ رَبِّكُمْ ؕ اَفَلَا تَعْقِلُوْنَ ﴿٧٦﴾ اَوَلَا يَعْلَمُوْنَ اَنَّ اللّٰهَ يَعْلَمُ مَا يُسِرُّوْنَ وَ مَا يُعْلِنُوْنَ ﴿٧٧﴾ وَ مِنْهُمْ اُمِّيُّوْنَ
لَا يَعْلَمُوْنَ الْكِتٰبَ اِلَّآ اَمَانِيَّ وَ اِنْ هُمْ اِلَّا يَظُنُّوْنَ ﴿٧٨﴾ فَوَيْلٌ لِّلَّذِيْنَ يَكْتُبُوْنَ الْكِتٰبَ بِاَيْدِيْهِمْ ۗ ثُمَّ يَقُوْلُوْنَ هٰذَا
مِنْ عِنْدِ اللّٰهِ لِيَشْتَرُوْا بِهٖ ثَمَنًا قَلِيْلًا ؕ فَوَيْلٌ لَّهُمْ مِّمَّا كَتَبَتْ اَيْدِيْهِمْ وَ وَيْلٌ لَّهُمْ مِّمَّا يَكْسِبُوْنَ ﴿٧٩﴾ وَ قَالُوْا لَنْ
تَمَسَّنَا النَّارُ اِلَّآ اَيَّامًا مَّعْدُوْدَةً ؕ قُلْ اَتَّخَذْتُمْ عِنْدَ اللّٰهِ عَهْدًا فَلَنْ يُّخْلِفَ اللّٰهُ عَهْدَهٗٓ اَمْ تَقُوْلُوْنَ عَلَى اللّٰهِ مَا لَا
تَعْلَمُوْنَ ﴿٨٠﴾ بَلٰى مَنْ كَسَبَ سَيِّئَةً وَّ اَحَاطَتْ بِهٖ خَطِيْٓئَتُهٗ فَاُولٰٓئِكَ اَصْحٰبُ النَّارِ ۚ هُمْ فِيْهَا خٰلِدُوْنَ ﴿٨١﴾ وَ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَ
عَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ اُولٰٓئِكَ اَصْحٰبُ الْجَنَّةِ ۚ هُمْ فِيْهَا خٰلِدُوْنَ ﴿٨٢﴾

هن کان اڳ ۾ چند مضمونن اندر بني اسرائيل قوم جون غلطيون، بني اسرائيل قوم جي ناشڪري، بني اسرائيل قوم جي بي حسي ۽ بني اسرائيل قوم جا حيلا بيان ڪيا ويا.

هتي ذڪر ٿيل آيات مبارڪ ۾ يهود قوم جي عالمن ۽ جاهلن جو دين متعلق بُرو ڪردار بيان ڪيو ويو آهي. جنهن قوم جي صورتحال اها هجي، انهيءَ ۾ ايمان آڻڻ جا امڪان گهٽجي ويندا آهن. مدينه منوره ۾ يهودي ماڻهو نبي ﷺ جي تشريف آوري کان اڳ ۾ آخري پيغمبر متعلق ڳالهيون ڪندا پيا هئا. جيئن ئي نبي ﷺ جن تشريف فرما ٿيا ته خاص طور تي انصاري صحابہ ڪرام کي اها اميد هئي ته هاڻي يهودي بہ ڪلمون پڙهي مسلمان ٿيندا. پر افسوس جو يهودي يهودي مختلف قسم جا تاويل ڪندي حق لڪائڻ جي ڪوشش ۾ لڳي ويا. اچو ته مٿي ذڪر ڪيل آيات مبارڪ جي روشني ۾ سندن بُري ڪردار کان آگاهي حاصل ڪريون.

ڪلام الله ۾ تحريف

تحريف جي معنيٰ آهي الفاظ يا معنيٰ ۾ تبديلي ڪرڻ. دنياوي مفاد يا مذهبي عصيبت خاطر اهي ماڻهو ڪلام الله جي معنيٰ ڦيرائيندي يا مرضي وارو مطلب پيش ڪندي دير ئي نہ ڪندا هئا. امام مجاهد ۽ سُدي جو قول آهي ته يهودي عالم پنهنجا خواهشات جي تابعداري ڪندي تورات ۾ تحريف ڪندا هئا پوءِ حرام کي حلال ۽ حلال کي حرام بنائيندا هئا. (احڪام القرآن للقرطبي ص: ٢-٦)

جيڪي ماڻهو ڪلام الٰهي ۾ تحريف جهڙي عمل کان بہ ڊڄن نہ ٿا اهي گمراهي ۾ وڃي ڪرن ٿا

جنهن مان نڪرڻ مشڪل ٿيو پوي. افسوس جو هن امت جا ڪيترائي علماء ۽ مشائخ قرآن ۽ حديث ۾ تحريف جا مرتڪب ٿي چڪا آهن. الله تعاليٰ انهيءَ جرم کان محفوظ رکي. (آمين) (تفصيل لاءِ ڏسو احسن البيان سوره النساء آيت ٨٨)

قرآن جي هن مقام تي الله رب العالمين مسلمانن کي هڪ قسم جي تسلي به ڏيڻ چاهي ٿو ته يهودي ماڻهن سان اوهان کي پنهنجيون گهڻيون اميدون وابسته نه ڪرڻ گهرجن ڇو ته اهي ماڻهو ڪيترين ئي صدين کان بگڙيل آهن ۽ الله جي آيتن سان مذاق ڪرڻ يا ڪيڏڻ انهن جي عادت بنجي چڪي آهي.

يهودين جي ان قسم جي حرڪتن کان مسلمانن کي آگاه ڪرڻ لازم هو ڇو ته منافق يا اسلام جا مخالف انهيءَ مان استدلال ڪندا هئا ته آخرڪار انهن کي به ته علم آهي پوءِ اهي ڇو ٿا انڪار ڪن. معلوم ٿئي ٿو ته معاملو مشتبه آهي. الله رب العالمين انهن جون علمي خيانتون ظاهر ڪري ڪين بي نقاب ڪيو ته جيئن ماڻهو دوکي ۾ نه اچن. تورات ۾ جيڪو حُليو تحريف ڪندي تبديل ڪري ڇڏيو ۽ ايمان نه آڻڻ جو هڪ سبب اهو ٻڌايائون ته هن جو حُليو تورات ۾ بيان ڪيل حُليي کان مختلف آهي. فَاالعِيذ بِاللهِ (يسرِالقرآن حاشيه ٨٩)

اهي ماڻهو اڻ ڄاڻائي يا جهالت جو شڪار نه هئا پر علم ۽ سمجهه باوجود ڪتاب الله ۾ تبديليون ڪندا هئا. قتاده فرمائي ٿو ته انهي کان يود جا عالم مراد آهي جيڪي الله جو ڪلام ٻڌڻ، سمجهڻ ۽ ياد رکڻ باوجود ان کي تبديل ڪري ڇڏيندا هئا. (تفسير ابن ابي حاتم ١/١٣٩)

علماء يهود جي بيمارين مان هڪ بيماري شريعت جي ڪتابن ۾ تحريف ڪرڻ آهي. قرآن ۾ جڳهه جڳهه تي انهي جو ذڪر موجود آهي. ڏسو سوره المائده آيت ١٣. شيخ الاسلام امام ابن تيميه رحمه الله فرمائي ٿو ته هن آيت ۾ جيتوڻيڪ الله رب العالمين يهودي عالمن جي مذمت بيان فرمائي آهي جيڪي تورات جي آيتن کي تبديل ڪري ڇڏيندا هئا ليڪن دين اسلام اچڻ کان پوءِ هن آيت جو مفهوم انهن ماڻهن کي به شامل آهي جيڪي بدعتن کي صحيح ثابت ڪرڻ لاءِ قرآن ۽ حديث ۾ تحريف ڪن ٿا. اهڙي طرح هتي آيتن ۾ انهن يهودين جي مذمت ڪئي ويئي آهي جيڪي تورات جو علم نه ٿا رکن، انهن وٽ صرف چند بي بنياد تمنائون هيون ۽ هاڻي انهن ۾ اهي ماڻهو به شامل آهن جيڪي دنياوي مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ قرآن جي ابتڙ ڪا به ڳالهه هٿن سان لکي ماڻهن ۾ رائج ڪن ٿا ۽ چون ٿا ته هي الله جي شريعت آهي ۽ اهي ماڻهو به شامل آهن جيڪي قرآن ۽ حديث کي لڪائين ٿا ته جيئن انهن جو مخالف حق ڳالهه تي انهن سان دليل بازي نه ڪر سگهي. (بحواله يَسِرالرحمٰن حاشيه ١٢٣)

بني اسرائيل قوم جي گذريل تاريخ بيان ڪرڻ کان پوءِ الله رب العالمين انهن آيتن ۾ رسول الله ﷺ جي زماني ۾ موجود يهودين جي نظرين ۽ عملي ڪوتاهين تي تبصرو ڪرڻ فرمايو، انهن جا عالم حق

فروش هئا. يهودي عالمن جي هڪ وڏي گمراهي اها هئي جو اهي ڪتاب الله جي حڪمن تي پنهنجي راءِ ۽ خواهشات کي ترجيح ڏيندا هئا ۽ هٿن سان گهڙيل مسئلن کي ڪتاب الله وانگر واجب العمل قرار ڏيندا هئا. (تفسير ترجمان القرآن حاشيه ٤٧)

ڪتاب الله ۾ تحريف ۽ تبديلي ايتري قدر خطرناڪ بيماري آهي جنهن رسول الله ﷺ جي مبارڪ زماني ۾ به پڙهيل لکيل ماڻهن کي ايمان آڻڻ ۽ حق تسليم ڪرڻ کان روڪي رکيو پوءِ بعد جي دؤر ۾ جن ماڻهن ۾ اها بيماري موجود هوندي اهي ته ويتر حق کان پري هوندا ۽ خواهشات نفساني تي ئي عمل ڪندا.

تحريف جون به صورتون آهن هڪ لفظن ۾ تبديلي ٻي معنيٰ ۾ تبديلي. لفظي تحريف جي معنيٰ آهي ڪٿي لفظ وڌائڻ ته ڪٿي گهٽائڻ يا لفظن ۾ مٿا سٿا ۽ ڦيرڦار ڪرڻ. معنوي تحريف جو مطلب آهي ته ان جي معنيٰ ڦيرائڻ يا اهڙو تاويل ڪرڻ جو لفظ پنهنجي اصلي معنيٰ کان نڪري اهڙي معنيٰ ڏانهن وڃي جيڪا قائل جي مقصد وٽان نه هجي. امام رازي جو چوڻ آهي ته هن مقام تي آيت کي لفظي تحريف تي محمول ڪرڻ وڌيڪ مناسب آهي. حقيقت ۾ يهودي عالم تحريف جي ٻنهي صورتن جا شڪار هئا. موجوده تورات ۾ ڪيترريون ئي اهڙيون ڳالهيون موجود آهن جن کي ڪلام الله چوڻ بجاءِ ڪنهن نيڪ يا سچي انسان جو ڪلام به نه ٿو چئي سگهجي. (تفصيلي حوالن لاءِ ڏسو بديع التفاسير ج ٢، ص ٥١٥)

منافقانه پاليسي

قرآن شريف جي واضح بيان مطابق يهودي نبي ﷺ جي اچڻ کان اڳ ۾ پاڻ جي صداقت ۽ غلبي متعلق احوال بيان ڪندا پيا هئا پر جنهن وقت پاڻ ﷺ جن تشريف فرما ٿيا ۽ پاڻ کي نشانين سان سڃاتائون ته انڪار ڪيائون ۽ ماڻهن کي بدظن ڪرڻ جي ڪوشش ڪيائون. الله تعاليٰ فرمايو

وَكَانُوْا مِنْ قَبْلُ يَسْتَفْتِحُوْنَ عَلَي الَّذِيْنَ كَفَرُوْا ښ فَلَمَّا جَآءَهُمْ مَّا عَرَفُوْا كَفَرُوْا بِهٖ ۡ فَلَعْنَةُ اللهِ عَلَي الْكٰفِرِيْنَ ٨٩ـ(البقره)

يعني اهي يهودي نبي ﷺ جي اچڻ کان اڳ ڪافرن تي پاڻ ﷺ ذريعي فتح ۽ غلبو حاصل ڪرڻ جون ڳالهيون ڪندا هئا پوءِ جنهن وقت پاڻ آيا ۽ پاڻ کي سڃاتائون ته انڪار ڪيائون.

هتي يهودين جي منافقانه طرز عمل جو ذڪر آهي ته جنهن وقت اهي مومنن سان ملندا آهن ته چوندا آهن مُحمد ﷺ سچو نبي آهي. انهي جي صفت اڳين ڪتابن ۾ موجود آهي. اسان به مٿس ايمان آندو مگر جنهن وقت هڪٻئي سان اڪيلائي ۾ ملندا هئا ته هڪٻئي کي ان قسم جي اظهار کان منع ڪندا هئا يعني تورات يا ٻين آسماني ڪتابن ۾ بيان ٿيل آخري پيغمبر جي وصفن جو ذڪر اوهان مسلمانن سان نه ڪندا ڪريو ايئن ڪرڻ سان قيامت جي ڏينهن اهي مسلمان الله تعاليٰ اڳيان پاڻ جي خلاف گواهي ڏيندا ته انهن کي سچي خبر هئي پوءِ به انڪار ڪيائون ايمان نه آندائون.

حقيقت ۾ انهن ماڻهن جو الله رب العالمين متعلق

نظريو بہ انتهائي ڪمزور هو، ڇا سندن انڪار ڪان سواءِ الله تعاليٰ کي ڄاڻ نہ ٿيندي تنهن ڪري الله فرمايو

اَوَلَا يَعْلَمُوْنَ اَنَّ اللّٰهَ يَعْلَمُ مَا يُسِرُّوْنَ وَمَا يُعْلِنُوْنَ ۷۷ــ(البقره)

ڇا ڪين ايتري بہ ڄاڻ نہ آهي تہ الله تعاليٰ انهن جي راز جون ڳالهيون ۽ ظاهري ڳالهيون ڄاڻي ٿو.

يعني انهي طرز عمل ذريعي اهي الله تعاليٰ اڳيان محاسبي ۽ سزا ڪان بچي نہ ٿا سگهن.

هن آيت ۾ ايمان وارن ڪان صحابہ ڪرام جي جماعت مراد آهي. اهو ئي حسن بصري، ابوالعاليہ، ربيع ۽ قتاده جو قول آهي. تفسير ابن ابي حاتم ۱۵۱/۱

يهودين جي عالمن ۽ پادرين طرفان ان قسم جو بہ طرفو ڪردار ٻڌائي ٿو تہ انهن جي دلين ۾ نفاق پاتو ويو ٿي، انهن مسلمانن سان تعلقات خراب ڪرڻ ڪو نہ ٿي چاهيا ۽ نہ وري الله اڳيان دليل بازي ۾ ڪوڙو ٿيڻ ڪين منظور هو. پر انهي منافقانہ پاليسي سبب الله تعاليٰ ڪين ظاهر ڪري ڇڏيو. مسلمانن جو اعتماد مٿانئن کڄي ويو. دنيا جي خواري سندن حصي ۾ آئي ۽ اهي ماڻهو آخرت ۾ بہ لِڪي رهي نہ ٿا سگهن.

يهودي قوم جي عالمن ۽ پادرين جي ڪم ظرفي جو اندازو انهي مان لڳائي سگهجي ٿو تہ انهن جي خيالن ۾ جيڪڏهن اهي دنيا ۾ پنهنجا عيب ۽ ديني ڪمزوريون لڪائي ويا تہ مٿن قيامت ڏينهن حساب ڪتاب جو مقدمو هلي نہ سگهندو. منافق پنهنجي خيال مطابق الله تعاليٰ کي بہ دوکو ڏيڻ چاهين ٿا پر حقيقت ۾ اهي پنهنجو پاڻ کي ئي دوکي ۾ مبتلا ڪن ٿا. الله رب العالمين انهن منافقن کي اهو بہ اطلاع ڏيڻ چاهي ٿو تہ اوهين ان قسم جون خبرون مسلمانن کي ٻڌايو يا نہ ٻڌايو پر جيڪا ذات اوهان جي ظاهر ۽ ڳجهہ کان واقف آهي اها ان قسم جي ڳالهين کي اوهان جي ٻڌائڻ کان سواءِ بہ مسلمانن تي ظاهر ڪري سگهي ٿي.

جاهل ماڻهن جو خواهشات کي دين سمجهڻ

يهود قوم جا جاهل ماڻهو تورات جي تعليم کان ناواقف هئا ليڪن خوشفهمي ۾ مبتلا هجڻ سبب محض گمانن ۽ تمنائن تي سندن عقيدي جي عمارت ٺهيل هئي. ٻين لفظن ۾ چئجي تہ محض خيالي پُلائن ۾ انهن جي عالمن ڪين مبتلا ڪري رکيو هو. مثال طور اسان الله جا چونڊيل آهيون، نبين جو اولاد هجڻ سبب اسان الله کي پيارا آهيون، اسان جا بزرگ اسان کي بخشرائيندا، صرف يهودي ئي جنت ۾ ويندا ۽ ان قسم جون ٻيون ڳالهيون انهن جي عقيدن ۽ نظرين ۾ شامل هيون.

افسوس جو هن دؤر جي جاهل مسلمانن کي بہ سندن عالمن ۽ بزرگن خوبصورت ڄارن ۾ ڦاسائي رکيو آهي. خالص توحيد ۽ سنت تي عمل ڪرڻ بجاءِ شرڪيہ ڪمن ۽ رسومات و بدعات ۾ قوم کي غرق ڪري اهو ٻڌايو ويجي ٿو تہ اوهان جي نجات انهن ڪمن ۾ آهي. پيري مريدي جي چڪر ۾ آڻي اهو تاثر ڏنو ويجي ٿو تہ قيامت ڏينهن اوهان جي سفارش لاءِ اسان ويٺا آهيون. الله رب العالمين شال مسلمانن کي

قرآن ڪريم جهڙي صاف چشمي مان فيضياب ٿيڻ جي توفيق عطا فرمائي. آمين

هر زماني ۾ هر دؤر ۾ ماڻهن جي جهالت مان غلط فائدو ورتو ويجي ٿو. انسان جي ڪاميابي جو دارومدار شريعت ۽ دين تي عمل ڪرڻ ۾ آهي. فرضي قصن ۽ ڪوڙين اميدن تي ڀروسو ڪرڻ بجاءِ سڌو سنئون خالص ڪتاب ۽ سنت جو علم حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وڃي جنهن ۾ بي بنياد نظرين جو بهترين رد ۽ سڌي وات جي رهنمائي موجود آهي.

ظاهر آهي تہ جاهل ماڻهن جو اعتماد سندن عالمن تي ئي هوندو آهي. علماء حق هر زماني ۾ حق طرف رهنمائي ڪندا رهيا آهن. اهي علماء سُوء يعني بُرا عالم هئا جن پنهنجي عوام کي جهالت ۾ رکيو، علم جي روشني کان محروم ڪيائون. جاهل عوام جو مثال جانورن سان ڏنو ويو آهي تنهن ڪري اهي اکيون بند ڪري عالمن جي تقليد ڪرڻ لڳا جنهن جو رد قرآن ڪريم واضح لفظن ۾ ڪيو آهي. هي امت بہ تقليد سبب ڪيترن ئي فرقن ۾ ورهائجي چڪي آهي. شال الله رب العالمين هن دؤر جي مسلمانن کي دليل ڳولڻ جو سوال ڪرڻ ۽ دليل مطابق عمل ڪرڻ جي توفيق عطا فرمائي. الله تعاليٰ قرآن مجيد انهي لاءِ نازل فرمايو آهي تہ جيئن ماڻهو دليل ڏسي ان مطابق زندگي گذارين. فرمايائين

وَّيَحْيٰى مَنْ حَيَّ عَنْۢ بَيِّنَةٍ ۭ (الانفال:٤٢)

۽ جيڪو زنده رهي اهو دليل سان زنده رهي.

يهود قوم جي جاهل عوام جو هڪ تہ سندن عالمن تي گهڻو اعتمد هو تہ اهي شريعت جا ڄاڻو ۽ ماهر آهن، اسان کي علم يا دليل متعلق ڳولا ڪرڻ جي ضرورت نہ آهي، ٻي طرف انهن جي عالمن ۽ بزرگن حيلن ذريعي ڪيترائي مسئلا آسان ڪري ڏنا، شرعي قانون ختم ڪري بُراين لاءِ راهون هموار ڪري ڏنائون جنهن سبب جاهل عوام کي عالمن ۽ درويشن جو ڀيش ڪيل ڪوڙو دين وڌيڪ سٺو لڳو جنهن ۾ انهن جون سڀ خواهشون پوريون ٿي رهيون هيون. (انالله وانا اليه راجعون.)

نفساني خواهشات ۽ خالي بي بنياد اميدن کي دين سمجهڻ سبب امت محمديہ بہ ڪيترن ئي گروهن ۽ فرقن ۾ ورهائجي ويئي، انهي صورتحال ۾ امت متعلق رسول اڪرم ﷺ جي ڏنل پيشنگوئي سچي ثابت ٿي. پاڻ فرمايائون تہ بني اسرائيل قوم ٧٢ فرقن ۾ تقسيم ٿي ويئي ۽ منهنجي امت ٧٣ فرقن ۾ تقسيم ٿيندي. انهن ۾ هڪ جماعت کان سواءِ باقي سڀ جهنم ۾ ويندا. صحابہ ڪرام عرض ڪيو اها جماعت ڪهڙي آهي. پاڻ فرمايائون جنهن وات تي آئون ۽ منهنجا صحابہ ڪرام آهن. (ترمذي رقم ٢٦٤١) ان وات تي هلندڙ جماعت نجات يافتہ آهي. تنهن ڪري حق واري جماعت ڳولڻ لاءِ بہ معيار پيغمبر ﷺ جو طريقو آهي. پيغمبر ﷺ جو طريقو ڇڏڻ گمراهي آهي. هن پُرفتنن دؤر ۾ خوشفهمي ۽ چڱن گمانن ۾ مبتلا ٿيڻ بجاءِ پيغمبر ﷺ جي وات ڳولي ان تي هلڻ جي ضرورت آهي. قرآن ڪريم جي هن بيان ذريعي يهود قوم جي بُري انجام متعلق خبردار

ڪرڻ سان گڏ مسلمانن کي بہ نصيحت ڪرڻ مقصد آهي.

دين جون ڳالهيون هٿن سان گهڙڻ ۽ غلط فتوائن ذريعي دنيا ڪمائڻ

يهودين جي عالمن تفسيري تاويلن، فلسفي خيالن، قانوني اجتهادن ۽ قومي يا تاريخي واقعن کي بہ بائبل ۾ شامل ڪري ڇڏيو ۽ انهي سڀ ڪجھ تي ايمان آڻڻ فرض قرار ڏئي ڇڏيو. عالمن جي فتوائن تورات جي وضاحت خاطر لکيل شروعات کي بہ تورات سان ملائي خَلط مِلط ڪري ڇڏيائون. انهي مجموعہ مان مرضي مطابق ڪنهن بہ قسم جي فتويٰ ڏيڻ يا لکڻ ۾ ڪين ڪا بہ ڏکيائي پيش نہ ٿي آئي. شادي شده زاني جي حد متعلق انهن الله جي قانون کي گڏجي تبديل ڪري ڇڏيو. نبي اڪرم ﷺ اڳيان هڪ يهودي پيش ڪيو ويو جنهن جو منهن ڪارو ٿيل هو ۽ ڪيس ڪوڙا لڳل هئا، پوءِ نبي اڪرم ﷺ جن يهودين کي گهرايو تہ اوهان جي ڪتاب ۾ زاني جي سزا اها بيان ٿيل آهي؟؟ چيائون هائو. پوءِ پاڻ انهن جي هڪ عالم کي گهرايائون ۽ فرمايائون آئون تو کي انهي رب جو قسم ڏيان ٿو جنهن موسيٰ (عليہ السلام) تي تورات نازل ڪيو، ڇا اوهان جي ڪتاب ۾ زاني جي سزا اهائي لکيل پاتي اٿئو. هن جواب ڏنو تہ نہ، جيڪڏهن اوهان مون تي هن طرح قسم نہ وجهو ها تہ اوهان کي نہ ٻڌايان ها، اسان جي ڪتاب ۾ بہ اسان رجم جو ئي حڪم پاتو آهي، اسان جي نوابن ۾ اها برائي عام ٿي ويئي پوءِ جيڪڏهن اسان ڪنهن طاقتور ماڻهو کي پڪڙيندا هئاسون تہ ان کي ڇڏيندا هئاسون ۽ جيڪڏهن ڪنهن ڪمزور ماڻهو کي پڪڙيندا هئاسون تہ انهي تي حد جاري ڪري ڇڏيندا هئاسون پوءِ اسان گڏجي چيوسون اچو تہ اهڙي سزا مقرر ڪريون جيڪا سيني تي جاري ڪري سگهجي پوءِ رجم جي جڳهہ تي منهن ڪارو ڪرڻ ۽ ڪوڙا هڻڻ جي سزا مقرر ڪئي سون. (مسلم رقم ۴۴۴۰)

اهڙي طرح صحابي عبدالله بن عمر رضی اللہ عنہ کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ وٽ هڪ يهودي مرد ۽ هڪ يهودي عورت کي آندو ويو جن زنا ڪيو هو. پاڻ ﷺ جن يهودين وٽ آيا ۽ فرمايائون اوهان تورات ۾ زاني جي سزا ڪهڙي پاتي آهي. چيائون اسان انهن جا منهن ڪارا ڪري جانور تي ويهاري چڪر لڳرائيندا آهيون. پاڻ فرمايائون جيڪڏهن سچا آهيو تہ تورات کڻي اچو پوءِ اهي تورات کڻي پڙهڻ لڳا تانجو جنهن وقت رجم جي آيت وٽان لنگهيا تہ تورات پڙهڻ واري نوجوان پنهنجي آڱر رجم واري آيت تي رکي ڇڏي ۽ اڳيان پويان پڙهڻ شروع ڪيائين، تنهن تي صحابي عبدالله بن سلام رضی اللہ عنہ جيڪو نبي ﷺ سان گڏ هو ان چيو هن کي حڪم ڪريو تہ هٿ مٿي کڻي، هٿ مٿي ڪنيائين تہ هيٺيان رجم جي آيت موجود هئي. پوءِ نبي ﷺ جن يهودي مرد ۽ عورت جي رجم جو حڪم جاري ڪيو تہ انهن کي سنگسار ڪيو ويو. (مسلم رقم ۴۴۳۷)

يهودي عالم غلط فتوائن ذريعي ماڻهن کي سهولتون پيدا ڪري ڏيندا هئا ۽ انهي جي بدلي ماڻهن

مان دنيا ڪمائيندا هئا. الله تعاليٰ فرمايو

يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْۤا اِنَّ كَثِيْرًا مِّنَ الْاَحْبَارِ وَالرُّهْبَانِ لَيَاْكُلُوْنَ اَمْوَالَ النَّاسِ بِالْبَاطِلِ وَيَصُدُّوْنَ عَنْ سَبِيْلِ اللّٰهِ ۭ وَالَّذِيْنَ يَكْنِزُوْنَ الذَّهَبَ وَالْفِضَّةَ وَلَا يُنْفِقُوْنَهَا فِيْ سَبِيْلِ اللّٰهِ ۙ فَبَشِّرْهُمْ بِعَذَابٍ اَلِيْمٍ ۳۴ۙ (التوبه)

اي ايمان وارؤ گھڻا عالم ۽ درويش ماڻهن جو مال باطل طريقي سان کائين ٿا ۽ ماڻهن کي الله جي واٽ کان روڪين ٿا.

الله رب العزت قرآن جي هن مقام تي انهن ماڻهن لاءِ ٻه دفعا وَيل جا الفاظ ڳالهايا آهن. فرمايائين

فَوَيْلٌ لَّهُمْ مِّمَّا كَتَبَتْ اَيْدِيْهِمْ وَوَيْلٌ لَّهُمْ مِّمَّا يَكْسِبُوْنَ ۷۹ (البقره)

جنهن جو مفهوم هي آهي ته تورات جا احڪام تبديل ڪرڻ تي انهن لاءِ وَيل آهي ۽ ماڻهن جو مال ناجائز طريقي سان ڪمائڻ تي به انهن لاءِ وَيل آهي.

وَيل لفظ جون مفسرين ٻه معنائون نقل ڪيون آهن. وَيل جي هڪ معنيٰ آهي تباهي ۽ بربادي. هي عربي ٻولي جو مشهور مقولو آهي. المصباح المنير ۸/ ۲۳۲. ويل جهنم ۾ هڪ اونهي وادي جو نالو آهي. (تفسير احسن البيان بحواله احمد، ترمذي)

پنهنجي لاءِ جنتي ۽ باهه کان آزاد هجڻ جو عقيدو رکڻ

يهودين جو اهو عقيدو هو ته جيئن ته اسان نبين عليهم السلام جو اولاد آهيون تنهن ڪري اسين الله کي پيارا آهيون. انهي سبب اسان کي چند ڏينهن کان علاوه باهه نه ڇهندي. حقيقت ۾ انهن اها هڪ ڪوڙي ڳالهه الله تعاليٰ تي گهڙي ورتي جنهن جو نه بنياد آهي ۽ نه انهي متعلق ڪو به دليل آهي. سندن ان قسم جي دعويٰ يا نظريي متعلق هڪ سبب هي هو جو اهي چوندا هئا اسان جي وڏن ۴۰ ڏينهن ڳابي جي پوڄا ڪئي تنهن ڪري انهي جي سزا ڀوڳڻ لاءِ اسان کي ۴۰ ڏينهن باهه ۾ رکيو ويندو. جڏهن ته ان قسم جي دعويٰ ئي حقيقت ۾ بيوقوفائي ۽ ناداني جو ثبوت آهي. هيٺ ڏنل چند حقيقتن تي غور ڪريو.

الف) انهي گناه کان سواءِ انهن ۾ ٻيون به ڪيتريون ئي برايون موجود هيون. مثال طور ڪفر، اسلام سان دشمني، ڪلام الله ۾ تحريف، ڪوڙيون دعوائون، فتنا ۽ فساد، ڇا ڪين هڪڙو ئي گناه ياد آهي.

ب) ڳابي جي پوڄا ڪرڻ وارن کي آخرڪار معافي ملي ويئي. فرمايائين

ثُمَّ عَفَوْنَا عَنْكُمْ مِّنْۢ بَعْدِ ذٰلِكَ لَعَلَّكُمْ تَشْكُرُوْنَ ۵۲ (البقره)

جڏهن ته پويان اچڻ وارن کي پنهنجن گناهن تي نه ندامت آهي ۽ نه وري سچي توبه ڪن ٿا.

ت) انهن کي پنهنجا گناه ياد ئي ڪو نه آهن باقي اڳين جي غلطي پاڻ تي مڙهي پاڻ لاءِ سزا مقرر ڪريو ويٺا آهن. حالانڪ قرآن چوي ٿو

وَلَا تَزِرُ وَازِرَةٌ وِّزْرَ اُخْرٰي (الانعام:۱٦۵)

قيامت ڏينهن هڪڙو ٻئي جو بار نه کڻندو.

ث) جيڪڏهن اهو گناه شمار ڪن ٿا ته پوءِ اهو ته مشرڪ آهي ۽ مشرڪ هميشه لاءِ جهنمي آهي. قرآن چوي ٿو

وَمَا هُمْ بِخٰرِجِيْنَ مِنَ النَّارِ ١٦٧ سورة (البقره)

اهي باهه مان نڪري سگهندائي ڪو نه.

ج) جيڪڏهن پاڻ کي باهه جو پوڄاري مڃين ٿا ته پوءِ مشرڪ ۽ باهه جو پوڄاري الله جو محبوب ڪيئن بنيو. "فَافهم وَ تَدبَر."

حقيقت ۾ ان قسم جا نظريا انهن جون صرف سڌون ۽ منگهڙت خيالات هئا جن جو حقيقت سان ڪو به تعلق نه آهي.

الله رب العزة هتي جواب ڏيندي ٻه شيون بيان ڪيون آهن-

١) انهن کان پڇو ڇا الله تعاليٰ اوهان سان ان قسم جو اقرار ڪيو آهي. الله جو اقرار يا حڪم نبين تي وحي ذريعي نازل ٿيندو آهي پوءِ ڇا اوهان وٽ آسماني ڪتابن يا نبين جي تعليم مان ڪو به ثبوت آهي؟؟

٢) حقيقت ۾ ان قسم جي دعويٰ ڪري اوهان الله تعاليٰ ڏانهن اهڙي ڳالهه منسوب ڪري رهيا آهيو جنهن جي اوهان کي ڪا به ڄاڻ نه آهي، توهان الله جي شان ۾ گستاخي ڪري رهيا آهيو، توهان الله تعاليٰ جي علم ۽ فيصلي ۾ هٿ چراند ڪري رهيا آهيو. يهودي پاڻ کي تمام امتن ۾ نجات يافته امت سمجهندا هئا.

هن آيت ۾ انهي دعويٰ جو رد موجود آهي. انهي غلط فهمي سبب اهي هر برائي ۽ گناه ۾ مبتلا ٿي ويا.

فَنَعُوذُ بِاللهِ مِنَ الفِتَنِ

ڏو هاري جهنم ۾ ۽ مؤمن

هميشه هميشه لاءِ جنت ۾ هوندا

يهودين جي باطل نظريه جو رد هن طرح سان به پيش ڪيو ويو ته جنة يا جهنم جو فيصلو ڪنهن خاص خاندان سان نسبت يا تعلق سبب نه ٿيندو بلڪ هر ماڻهو جي عقيدي ۽ عمل مطابق فيصلو ٿيڻو آهي. محض زباني دعويٰ يا خانداني نسبت سبب پاڻ کي جنتي چوڻ ۽ ٻي کي جهنمي چوڻ سراسر دوکو آهي.

واضح رهي ته هتي آيت شريفه ۾ جهنم اندر وڃڻ وارن متعلق ٻه شرط بيان ڪيا ويا آهن. جهڙي طرح جنت ۾ وڃڻ وارن جون ٻه صفتون بيان ڪيون ويون آهن. جهنمين متعلق ٻه شرط هي آهن، جنهن گناه ڪمايو ۽ گناهن ان کي گهيري ڇڏيو تنهن ڪري هتي سَيِئَة کان مراد عطاء تابعي مشرڪ ورتو آهي ۽ امام حسن ۽ قتاده وڏا گناه مراد ورتا آهن. هاڻي آيت جي معنيٰ ٿيندي جن ماڻهن جي عقيدي ۾ شرڪ هجي ۽ انهي کي ٻين گناهن ۾ گهيري ورتو هجي ته اهي جهنم ۾ ويندا. جنت ۾ وڃڻ وارن جون ٻه صفتون ايمان ۽ عمل صالح بيان ڪيون ويون آهن. انهي جي وڌيڪ سمجهاڻي حديث به پيش ڪري ٿي. صحابي سفيان بن عبدالله الثقفي رضي الله عنه رسول الله ﷺ کان سوال ڪيو

يا رسول الله قل لي في الاسلام قولًا لا اسئال عنهُ احدًا بعدک.

اي الله جا رسول ﷺ مون کي اسلام متعلق اهڙي جامع نصيحت ڪريو جو اوهان کان پوءِ ڪنهن کان سوال نه ڪريان. پاڻ فرمايائون

قل أمنت باالله ثم استقم. (مسلم رقم ١٥٩)

تون چئو مون الله تي ايمان آندو پوءِ ثابت قدمي اختيار ڪر.

ايمان تي ثابت قدم رهڻ جي معنيٰ باعمل ٿي زندگي گذارڻ آهي. هتي اهو سبق به ملي ٿو ته ننڍڙا ننڍڙا گناه به هلاڪت جو سبب ٿي سگهن ٿا. رسول

الله ﷺ جو فرمان مبارڪ آهي پنهنجو پاڻ کي ننڍن گناهن کان بچايو اهي گڏ ٿي ماڻهو کي هلڪ ڪري ڇڏيندا آهن. انهي جو مثال ڏيندي پاڻ فرمايائون جهڙي طرح ڪجهه ماڻهو ڪنهن جهنگل ۾ گڏ ٿي وڃن جيئن ئي ڪاٺو پچائڻ جو وقت اچي ته انهن مان هر ماڻهو هڪ هڪ ڪاٺي ڪٽي اچي اهڙي طرح ڪاٺين جو ڍِڳ لڳي وڃي ۽ اهي انهي کي باهه ڏيئي پنهنجي ڪاٺي جي شيءِ پچائي وٺن. (مسند احمد ۱/۴۰۲)

جنت ۾ داخلا لاءِ ايمان ۽ عمل صالح هجڻ لاءِ بنيادي طور په شرط آهن. (۱) اهو عمل خالص الله تعاليٰ جي رضا لاءِ ڪيو وڃي، (۲) اهو عمل رسول الله ﷺ جي سنت مطابق هجي. جيڪو به ماڻهو معياري ايمان ۽ عمل ساڻ ڪندو انهي لاءِ جنت آهي جنهن ۾ ڪنهن به برادري يا قوم کي خصوصيت نه آهي، تنهن ڪري جنت يا جهنم جو فيصلو محض ڪنهن جي دعويٰ يا تمنا سان نه ٿيندو.

الله تعاليٰ جي فيصلي مطابق جيڪي ماڻهو جنتي ٿي چڪا انهن لاءِ دنيا واري زندگي ۾ ڏک ۽ آزمائشون ضرور آهن مگر آخرت ۾ اهي هميشه هميشه لاءِ نعمتن واري گهر جنت ۾ داخل ٿي ويندا. جتان انهن کي نه ڪنهن پير جي پٽ ۽ نهن مُلان جي فتويٰ ٻاهر ڪڍي سگهندي، نه وري ڪنهن طاقتور، ڪنهن حاسد جو حسد، ڪنهن دشمن جي دشمني سان نقصان پهچندو. ساڳي طرح جيڪي ماڻهو جهنمي ٿي چڪا انهن کي ڪو به ولي، بزرگ پنهنجي شفاعت ذريعي يا ڪو به طاقت وارو پنهنجي طاقت جي زور تي ٻاهر آڻي نه ٿو سگهي.

مقام غور- لمحه فڪريه

هڪ طرف يهودي قوم جي عالمن ۽ اڻ پڙهيلن جو اهو حال جو بغير ڪنهن ثبوت جي پاڻ کي جنتي سڏايائون ٿي ۽ انهي خوشفهمي ۾ مبتلا ٿي نفساني خواهشات جا پوڄاري بنجي ويا هئا. ٻي طرف رسول اڪرم ﷺ جي صحابه ڪرام تي نظر وڌي وڃي انهن مان ڪيترن کي زبان نبوت کان جنت جي خوشخبري ملي چڪي، جنگ بدر ۾ شريڪ صحابه ڪرام کي الله تعاليٰ طرفان اها خوشخبري ڏني ويئي.

اعملوا ماشئتم فقدغفرت لکم. (بخاري رقم ۳۹۸۳)

اوهان جيئن چاهيو عمل ڪريو مون توهان کي معاف ڪري ڇڏيو آهي.

الله تعاليٰ قرآن ڪريم ۾ مهاجرين ۽ انصار جو ذڪر ڪندي انهن کي هميشه هميشه لاءِ راضي هجڻ جو اعلان ڪيو. انهي سڀ ڪجهه جي باوجود انهن جو ايمان ۽ عمل مثالي هو. سڄي زندگي الله جي خوف ۽ عبادت ۾ گذاريائون. ڇا انهن مان ڪنهن به هڪ زندگي ۾ اها دعويٰ ڪئي ته اسان يقيناً جنتي آهيون. اسان کي عمل ڪرڻ جي ضرورت نه آهي؟؟

يهودي قوم جي بُري ڪردار جو بنيادي سبب خوشفهميون، ڇڱن گمانن ۽ شيطاني مڪر و فريب ۾ مبتلا ٿيڻ آهي. شال الله تعاليٰ مسلمانن کي ان قسم جي فتنن کان محفوظ رکي ۽ عمل جي توفيق عطا فرمائي. آمين

پروفيسر مولا بخش محمدي

فهم حديث: پـــــــــــاڪـــــــــيزگي

اسلام هڪ مڪمل ضابطہ حيات آهي. جنهن جو ثبوت هن جو پاڪيزگي ۽ طهارت وارو طريقہ ڪار آهي،صفائي، سليقي شعاري،اُصول حفظان صحت ، غذا و غذائيت ۽ ٻيا طهارت ۽ طبي اُصول ائين ئي انسان جي رهنمائي ۽ رهبري ڪن ٿا جيئن عبادات، اخلاقيات ۽ معاملات جا مسائل مقرر ڪيا ويا آهن. حضور پاڪ ﷺ جن باطني يعني اندر جي طهارت و تزڪيہ جو پهريون املهہ اصول ڪلمہ شهادت قرار ڏنو ۽ ظاهري پاڪيزگي لاءِ غسل ۽ وضوکي پڻ ابتدائي اصول قرار ڏئي ٻين اديان ۾ اسلام جي حقانيت ۽ صداقت ثابت ڪئي.فقهاءڪرام پنهنجي تاليفات جي منڍ ۾ طهارت سان ئي ڪتابن جي شروعات ڪئي آهي جسم و جان جي پاڪيزگي ، لباس جي پاڪيزگي ،جاءِ عبادت جي پاڪيزگي ، روح جي پاڪيزگي ،افڪار و خيلات جي پاڪيزگي مطلب تہ اسلام ۾ ڪامل يا پاڪيزگي ئي مطلوب و مقصود هوندي آهي. دراصل اسلام کي هڪ قوي ، صحتمند ۽ باصلاحيت مرد مومن مطلوب آهي، جنهن جو جيئڻ مرڻ فطرت انسانيہ مطابق هجي، انهيءَ لاءِ هڪ متقي مرد مومن لاءِ حرام ،نجس پرائي پورهي تي قابض ٿي ڪوڙ ڪُپت ،بدعنواني، ڪرپشن وغيره ڪان علاوه ناپاڪ بلڪ مشڪوڪ ۽ غير معياري شيون ڪائڻ پڻ حرام قرار ڏنو ويو آهي. اهو اسلام ئي آهي جنهن ۾ سارو جسم ، هٿ منهن صاف رکڻ پنج امور فطرت ننهن ڪٽڻ ، مڇون ڪترڻ ، بغلن جي صفائي ۽ زيرناف وارن مان نجات کي انسان لاءِ تمام ضروري قرار ڏنو ويو آهي.

هميشہ هٿ ڌوئڻ ، ڏندڻ ڪرڻ، روزانہ پنج وقت وضو عبادت لازم ڪرڻ ، ڪم از ڪم هفتي ۾ هڪ ڀيرو غسل مسنون ڪرڻ ، پاڪيزه پورهي مان صاف ڪپڙا پائڻ ، خشبو سان جسم ۽ ماحول کي معطر ڪرڻ اسلام جو مقصود آهي. سورة الانفال ۾ الله تعالىٰ جو ارشاد آهي تہ " الله تعالىٰ توهان لاءِ آسمان مان پاڻي ان لاءِ لاٿو تہ جيئن توهان ۽ (توهان جو ماحول) پاڪ ۽ صاف ڪري "(سورة الانفال) . حضور پاڪ جن جسم و جان سان گڏ وسندين واهڻ، اڱڻ اوٽن، گلين گهٽين ڪانسواءِ خصوصاً مسجدن کي پڻ پاڪيزه رکڻ جي تاڪيد فرمائي آهي (ابودائود) مگر افسوس جو اسانجو رويو صفائي جي سلسلي ۾ بہ ڪو معياري ۽ اطمينان بخش ڪونهي. بدبودار ليٽرين، گندا باٿ روم ، گهر جا اڱڻ ۽ اوطاقون گند ڪچري ،بدبوءَ ۽ غلاظت سان ڀريل آهن. ڪاڌي ڪان اڳ ۽ پوءِ هٿ ڌوئڻ جو رواج روزانہ گهٽبو پيو وڃي، ڪليل جاين تي قضاء حاجت جا ڍير شديد بدبوءَ تعفن تہ اسان مان اسلام جي سڃاڻپ ئي غائب ڪري ڇڏي آهي. ارشاد رباني اهي تہ "بيشڪ الله تعالىٰ گهڻي توبہ ڪندڙن ۽ پاڪيزگي اختيار ڪندڙن کي پسند ڪندو آهي ." (البقر٢٢٢)

جڏهن تہ اسلام صحت صفائي ، پاڪيزگي ، نَفاست ، ماحول کي گند ڪچري ۽ آلودگي ڪان بچائڻ ، جراثيم ڀريو ڪچروصاف ڪرڻ جو حڪم فرمايو

آهي.اسان وٽ صفائي جو جوڳو انتظام نہ هئڻ ڪري "انفيڪشن " تيزي سان پکڙجي ٻارن ۽ پوڙهن کان پوءِ ٻين مردن عورتن لاءِ لاتعداد متعدي بيمارين جو باعث بنجي ٿي، هن ڳالهہ جي شدت سان ضرورت آهي تہ اسان اجتماعي لحاظ سان پنهنجي پسگردائي ۽ سماج ۾ صفائي پاڪيزگي کي هڪ "تحريڪ" جي صورت ۾

اختيار ڪري پنهي جهانن ۾ سربلندي ،سرفرازي ۽ سرخروئي حاصل ڪريون.اسان کي پنهنجن گهرن ۽ جسم و جان جي صفائي کان سواءِ لنگهن ۽ رستن کي پڻ ايذاء ڏيندڙ شين کان صاف رکڻو آهي. حضرت ابو هريره رضہ کان روايت آهي تہ نبي اڪرم ﷺ جن ارشاد فرمايو تہ هڪ شخص جڏهن رستي تان ڪنڊ ن واري ٽاري هٽائي رستو صاف ڪري ٿو تہ سندس گناه معاف ڪيا وڃن ٿا. هڪ هنڌ ارشاد آهي تہ رستي تان ڇيهو رسائيندڙ شيءِ هٽائڻ صدقو آهي . فطرت جي تقاضا پڻ آهي تہ اسان نفاست، نظافت ۽ طهارت جا مڪمل مجسمہ بنجي پنهنجي پياري رسول ﷺ جي تعليمات عاليہ تي عمل پيرا ٿيون ،جيئن ارشاد باري تعاليٰ آهي " ان ڪنتم جنباً فا طهرو" (المائده)، ترجمو: ۽ جيڪڏهن توهان ناپاڪ (جنبي) ٿي وڃو تہ طهارت حاصل ڪريو.

ڇو تہ بدن جي پاڪيزگي قلب جي پاڪيزگي جي پڻ غماز هوندي آهي. لباس ،جسم، کاڌي خوراڪ ۽ ماحول جي صفائي هڪ مسلمان جي فرائض ۾ شمار آهي. ارشاد رباني آهي تہ " و ثيابڪ فطهر و الرجز فهجر " (المدثر) يعني پهنجي ڪپڙن کي صاف رک ۽ گندگي کان پري رہ.

جسماني پاڪائي روح ۽ دماغ جي صفائي جي پڻ مظهر هوندي آهي. ارشاد الاهي آهي تہ "۽ اهڙا شخص آهن جيڪي پاڪ رهڻ پسند ڪندا آهن ۽ الله تعاليٰ پاڪ رهڻ وارن کي دوست رکندو آهي." اها پاڪيزگي ان وقت حقيقي رنگ و روپ ۽ نکار آڻي ٿي جڏهن انسان جو اندر ڪوڙ ڪپٽ، دوکي دولاب، فريب و بغض، تعصب ۽ تنگ نظري، ڪيني ۽ ڪدورت، هٺ ۽ هوڏ،تڪبر ۽ وڏائي جهڙين خرابين کان پڻ پاڪ ۽ صاف هجي. صاف شفاف زندگي ، مغفرت ۽ باعزت رزق ڪانسواءَ رب جي ويجهڙائي جو باعث پڻ بنجي ٿي. حضور پاڪ جن جو هڪ هنڌ ارشاد آهي تہ قبر ۾ عذاب گهڻو ڪري پيشاب جي ڇنڊن کان پرهيز نہ ڪرڻ سبب ٿيندو آهي.
(طبراني، حاڪم ۽ دار القطني)

ٻي جڳهہ فرمان اٿن تہ الله تعاليٰ پاڪيزگي کان سواءِ نماز قبول نہ فرمائيندو . هڪ هنڌ سندن قول مبارڪ آهي تہ پاڪيزگي نماز جي ڪنجي آهي. (ابن ماجہ)رب تعاليٰ اسان کي ظاهري ۽ باطني نجاست جي نحوست کان بچائي پاڪيزگي ، صفائي ۽ نظافت سان نوازي ،جئين اسانجو جسم ، فڪر ۽ ذهن ماڪ ڦڙن جهڙو معصوم ۽ پاڪ پوتر بنجي پوي. (آمين)

مولانا ضياءُ الله ايوبي نهڙيو

اسلام جي پهرين وحي ۾ علم جي اهميت

علم الله تعاليٰ جي طرفان هڪ عظيم نعمت آهي. جنهن کي انسان جي ٿئين اک چيو ويو آهي. انسان کي الله تعاليٰ اشرف المخلوقات بڻايو آهي پر اشرف المخلوقات بڻجڻ جي نشاني علم آهي. ڇوتہ اها ئي علامت آهي جنهن سان الله تعاليٰ ثابت ڪيو تہ آدمؑ جي فضيلت ملائڪن کان بہ وڌيڪ آهي، آدمؑ کي پيدا ڪرڻ کانپوءِ سڀ کان پهرين جيڪا شيءِ ملي اها علم آهي الله تعاليٰ فرمايو:

"وَعَلَّمَ آدَمَ الأَسْمَاءَ كُلَّهَا"

انهي کانپوءِ ملائڪن کي علم جي ميدان ۾ آدم عليہ السلام سان مقابلو ڪرڻ جو چيو ويو پر ملائڪ علم جي ميدان ۾ آدم عليہ السلام جي سامهون لاجواب ٿي ويا ۽ چوڻ لڳا:

(سُبْحَانَكَ لاَ عِلْمَ لَنَا إِلاَّ مَا عَلَّمْتَنَا إِنَّكَ أَنتَ الْعَلِيمُ الْحَكِيمُ) (سورة البقره)

انهي سڄاڻپ جي شعار کي برقرار رکندي اسان پياري پيغمبرﷺ جي طرف ڏسون تہ جڏهن محمد بن عبدالله کي محمد رسول اللهﷺ جي شرف سان مشرف ڪري نبوت جو تاج پارايو ويو تہ ان وقت معاشري ۾ بي شمار برائين ۽ بيمارين جون بلائون موجود هيون. پر وحي جي شروعات هنن الفاظن سان ٿئي ٿي.

(اقْرَأْ بِاسْمِ رَبِّكَ الَّذِي خَلَقَ خَلَقَ الْإِنسَانَ مِنْ عَلَقٍ اقْرَأْ وَرَبُّكَ الْأَكْرَمُ الَّذِي عَلَّمَ بِالْقَلَمِ عَلَّمَ الْإِنسَانَ مَا لَمْ يَعْلَمْ) (سورة العلق)

يعني وحي جو پهريون لفظ "اقرا" آهي جنهن جي معني آهي "پڙهہ"

ڇوتہ نبيﷺ جن امي يعني اڻ پڙهيل هئا ان ڪري الله تعاليٰ خود پڙهائي پيو تہ "اقراء" انهي ۾ حڪمت اها آهي تہ انسان ڪيتري بہ وڏي عهدي تي پهچي وڃي پر وري بہ جنهن استاد هن کي پهرين ڪلاس جي پٽي ا، ب، ت، ..... ي. پڙهايا آهن اهو فخر مان چئي سگهي ٿو تہ ڪيڏي بہ وڏي مقام تي پهچي وڃين وري بہ شاگرد منهنجو آهين.......

ڇوتہ جيڪڏهن آئون توکي حروفِ تهجي نہ پڙهايان ها تہ اڄ تي ڪونہ پڙهي سگهين ها يعني شاگرد ڪيڏو بہ اسڪالر ٿي وڃي پر وري بہ آئون سمجهان ٿو تہ پنهنجي پرائمري جي بہ استاد کان وڌيڪ مرتبي وارو نٿو ٿي سگهي.

ان ڪري الله تعاليٰ کي پنهنجي پيغمبر کي انهي طعني کان بچائڻو هو تہ ڪٿي سياڻي کو ايئن نہ چوي تہ هي جيڪا شريعت ٻڌائي پيو اهو هن کي علم مون سيکاريو هو. انهي ڪري نبيﷺ کي الله تعاليٰ ڪنهن انسان جي اڳيان گوڏا پيچي علم حاصل ڪرڻ

ڪونہ ڏنو بلڪ خود الله تعالي پڻ پنهنجي پياري پيغمبر کي پڙهايو تہ "اقرا" يعني پڙهہ.
۽ انهي سان اجا علم جي اهميت اجاگر ٿي ويئي.
هتي غور ڪرڻ جو مقام آهي تہ علم حاصل ڪرڻ لاءِ عربي زبان جي اندر ٻيا بہ لفظ استعمال ٿيندا آهن پر الله تعالي "اقرا" جو لفظ استعمال ڪيو.
جنهن جي معني صرف پڙهڻ ناهي بلڪ ان سان گڏوگڏ غور فڪر ڪرڻ بہ آهي ۽ نبيﷺ جن انهي تي بہ عمل ڪيو جيئن حديث ۾ اچي ٿو تہ نبيﷺ جن جڏهن غار حرا ۾ هئا تہ

((ڪان يتحنث فيه اي يتدبر، يتعبد))

يعني غار حرا ۾ عبادت ڪندا هئا ۽ غور وفڪر ڪندا هئا.
اڳتي الله تعالي فرمايو:

اقْرَأْ بِاسْمِ رَبِّكَ يعني علم حاصل ڪرڻو آهي

پر علم اهو هجي جنهن سان پنهنجي رب جي سڃاڻپ حاصل ڪري سگهجي. ڇوتہ "علم" تہ ڪافي آهي پر حقيقي علم اهو آهي جنهن ۾ رب جو نالو ۽ رب جي سڃاڻپ حاصل ٿئي ۽ سڃاڻپ لاءِ سڀ کان پهرين نالو اهم هوندو آهي ان فرمايائين تہ: "تنهنجي رب جي نالي سان پڙهہ" ۽ اهو دين جو علم آهي.
انهي مان معلوم ٿيو تہ علم صرف ڄاڻ جو نالو ناهي بلڪ علم جي ميدان ۾ لهڻ وارن لاءِ مختلف الفاظ استعمال ٿيندا آهن. مثلاً ١_ عقل ٢_ ثقافت ٣_ تهذيب ٤_ حڪمت
هي چارئي عربي جا لفظ آهن
١_ عقل: عقل جي معني آهي قابو ڪرڻ يا ٻڌڻ. جيئن عربي ۾ چوندا آهن تہ "عقل الجمل" يعني "اٺ کي ٻڌڻ" يا اٺ جي ڏاڻ کي عربي ۾ "عقال" چئبو آهي ڇوتہ انهي سان اهو طاقت ور اٺ بہ قابو ٿيو وڃي انهي ڪري جيڪو شخص معاشري جي مختلف قانونن ۽ ضابطن جي پابندي ڪندو آهي انهي کي "عقل مند" چئبو آهي.
تہ "علم" اهڙو حاصل ڪجي جنهن سان انسان عقل مند ٿئي ۽ پنهنجو پاڻ کي هر قسم جي غلط ڪم کان قابو ڪري هر بهترين قانون جي پابندي ڪري.
جيڪو علم انسان کي قابو نہ ڪري کلي ڇوٽ ڏيئي ڇڏي تہ اهو علم علم ناهي ۽ اهو انسان عقل مند ناهي.
٢_ ثقافت: انهي کي انگريزي ۾ "ڪلچر" چئبو آهي ۽ عربي ۾ ثقافت جي معني آهي "درست ڪرڻ" يا زندگي جي ڪنهن بہ مرحلي کي درست ڪرڻ کي بہ ثقافت چيو وڃبو آهي.
اها الڳ ڳالهہ آهي تہ اسان هن لفظ کي بدنام ڪيو آهي جو بي حيائي جي شين کي اسان درست ۽ سٺي شئ چئي پنهنجي ثقافت ۾ آندو آهي. مثلاً ڳائڻ وڄائڻ غلط ڪم آهي پر اسان جي جاهل معاشري انهي کي درست شئ چئي پنهنجي ثقافت جو حصو ڪري ڇڏيو آهي.
٣_ تهذيب: تهذيب بہ عربي زبان جو لفظ آهي انهي جي معني آهي "مختلف پکڙيل شين جي ڇنڊ ڇاڻ غلط شين کي ڪڍي صحيح ۽ درست شين کي گڏ ڪرڻ"
هڪ دؤر هو جو هي سڀ علم ماڻهن وٽ پکڙيل هئا تان جو قرآن ڪريم بہ خاص مصحف جي شڪل ۾ نہ هو انهن علمن کي گڏ ڪري هر ڪنهن کي الڳ الڳ جمع ڪري تهذيب جو ڪم ڪيو ويو مثلاً هڪ حديث جو ڪتاب آهي تہ انهي ۾ صرف حديثون ذڪر ٿيل آهن پويان ايندڙ ڪو شخص اچي انهن حديثن کي ترتيب ڏيئي بابن ۽ فصلن ۾ الڳ ڪري ٿو تہ عربي

۾ چئبو آهي.

“هذبہ فلان” ان ڪري اڪثر ڪتابن تي لکيل هوندو آهي تہ “الف فلان وهذبہ فلان” مقصد تہ تهذيب جي معني ڇنڊ ڇاڻ ڪرڻ غلط ۽ صحيح ۾ فرق ڪرڻ.

تہ علم بہ اهو حاصل ڪري جيڪو اسان کي سيکاري تہ معاشري ۾ هر قسم جون شيون آهن انهن جي ڇنڊ ڇاڻ ڪري توکي فرق ڪرڻو آهي تہ هي غلط آهي ۽ هي صحيح آهي.

تهذيب جو مثال ايئن سمجهيو وڃي تہ تهذيب جو بہ هڪ ڪردار هوندو آهي. مثلا: هڪ جهنگل آهي انهي ۾ اڪيلو انسان ويندي ڊپ محسوس ڪندو آهي پر انهي جهنگل جي تهذيب ڪئي وڃي فائدي وارا وڻ ڇڏي ڏجن ۽ عام وڻ ڪٽي اتي شهر ٺاهيو وڃي تہ اتي رات جو بہ گهمندي انسان کو خطرو ناهي محسوس ڪندو. ڇوتہ تهذيب سان خواب يا بي فائده وڻن کي ڪڍيو ويو آهي ۽ سٺن وڻن کي وڌيڪ خوبصورت ڪيو ويو آهي. ايئن انسان علم اهو سکي جيڪو هن جي دل ودماغ جي گهاٽي ٻيٽ جي تهذيب ڪري تہ من هو هميشہ هڪ روشن شهر جيان چمڪندا رهن. ۽ اها هڪ اٽل حقيقت آهي تہ انتهائي نيڪ انسان جي ذهن ۾ انتهائي برو خيال ۽ بدڪار جي ذهن ۾ تمام بهترين خيال اچي سگهي ٿو پر وري بہ بدڪار بدڪار ئي رهي ٿو ۽ نيڪ نيڪ ئي رهي ٿو ڇوتہ نيڪ انسان بري خيال کي دل ۾ جڳهہ ناهي ڏيندو ۽ بدڪار انسان بري خيال کي اجا وڌيڪ چمڪائيندو آهي.

جيئن الله تعالي فرمايو: ((وَنَفْسٍ وَمَا سَوَّاهَا فَأَلْهَمَهَا فُجُورَهَا وَتَقْوَاهَا قَدْ أَفْلَحَ مَن زَكَّاهَا وَقَدْ خَابَ مَن دَسَّاهَا)) (الشمس)

تہ علم اسان کي تهذيب سيکاري ٿو ۽ تهذيب جي انسان کي هر وقت ضرورت هوندي آهي. جيئن چوندا آهن تہ معاشري ۾ برائي پکيڙڻ جي ضرورت ناهي صرف نيڪي کي روڪيو برائي از خود پکڙجي ويندي.”

جيئن گهر جي اندر توهان گندگي نہ پکيڙيو صرف انهي جي صفائي ڪرڻ ڇڏي ڏيو تہ گهر از خود گندو ٿي ويندو.

ايئن ئي انسان جي دماغ ۽ معاشري جو مثال آهي تهذيب نہ هوندي تہ گندگي سان ڀرجي ويندا.

۴_ حڪمت: حڪمت جي معني آهي “ڪنٽرول ڪرڻ، قابو ڪرڻ”

ڇوتہ حڪمت لفظ “حڪم” کان نڪتل آهي گهوڙي کي جيڪو لغا لڳائبو آهي انهي ۾ گهوڙي جي منن ۾ چمڙي، لوهہ يا پتل جو ٽڪرو لڳائبو آهي تہ جيئن رسي کي چباڙي نہ سگهي انهي کي گهوڙي سوار جيئن اشارو ڏيندو آهي تہ گهوڙو انهي اشاري کي سمجهي هلندو يا بيهندو آهي انهي کي عربي ۾ “حڪم” چئبو آهي ان ڪري گهوڙي سوار کي “حاڪم” بہ چئبو آهي. راند جي ميدان ۾ امپائر کي بہ “حاڪم” چئبو آهي تہ وري انصاف جي ڪرسي تي ويٺل جج کي بہ “حاڪم” چئبو آهي.

يعني هي حڪمت جو سفر راند جي ميدان ۽ گهوڙي جي لغام کان شروع ٿيو اچي ڪورٽ ۽ ايوان اندر پهتو انسان کي الله جي طرفان جيڪا حڪمت ملندي آهي انهي کي دانائي ۽ نبي کي جيڪا حڪمت ملندي آهي انهي کي وحي بہ چئبو آهي. انهي حڪمت جي وجہ سان لقمان جي ڳالهين کي الله تعالي قرآن جو حصو بنائي ڇڏيو. تہ اسنا کي علم اهڙو حاصل ڪرڻ گهرجي جيڪو اسان جي هر جڳهہ تي رهنمائي ڪري

تہ هتان ڪهڙي طرف وڃڻو آهي ڪٿي ويهڻو آهي ڪٿي هلڻو آهي جيئن گهوڙي کي لغام سمجهائيندو آهي.
انهن چئني شين کي اسان گڏ ڪيوسون تہ علم جو بنيادي مقصد ڪنٽرول ڪرڻ نڪتو جڏهن اهي سڀ شيون ملنديون تہ ان کي "علم" چئبو آهي. علم صرف ڄاڻ جو نالو ناهي بلڪ اهڙو ڄاڻڻ جيڪو انسان کي ڪنٽرول ۾ رکي، حالات کي درست ڪري، ترقي ڏيئي، خراب شين کان خالي ڪري، جيڪو علم هي مقصد نٿو پورا ڪري اهو علم ناهي.
مثلا: چور جيڪڏهن ڪنهن کان چوري سکي ٿو تہ ظاهر ۾ اها بہ هڪ ڄاڻ آهي پر ڪو بہ دانشور انهي کي علم نہ چوندو ڪو پٽ آفيسر ڪنهن کان ڪرپشن جا ڍنگ سکي ٿو تہ اهو خود هن کي عل ڪونہ چوندو ڻ ڪري علم اهو ئي آهي جيڪو "اقرا باسم ربک" جي مفهوم مطابق هجي.
مانوارا قارئين ڪرام! قرآن ڪريم جو هر لفظ سمنڊ آهي جيڪڏهن تفصيل سان هنن پنجن آيتن تي صرف علم جي حوالي سان لکيو وڃي تہ يقينا هڪ وڏو ذخيرو جمع ٿي سگهي ٿو پر اختصار سان ڏنو وڃي تہ الله تعالي اڳيان پنهنجو تعارف ڪرايو آهي تہ

اقْرَأْ بِاسْمِ رَبِّكَ الَّذِي خَلَقَ خَلَقَ الْإِنسَانَ مِنْ عَلَقٍ

هتان کان ئي انسان کي غور وفڪر جو سبق ملي ويو تہ مون انسان کي رت جي دڳ مان پيدا ڪيو آهي هاڻي اوهان خود غور ڪريو تہ اهو رت جو دڳ ڇا آهي؟ ۽ انهي مان انسان ڪيئن ٺهيو...؟ سيني سائنسي علوم جو بنياد هي آيت آهي.
هنن آيتن مان اهو بہ ثبوت ملي ٿو تہ اوهان کي علم حاصل ڪرڻ لاءِ آسمان جو سفر ناهي ڪرڻو بلڪ منهنجي مخلوق مان ئي علم ملندو جيڪو منهنجي ٻڌايل طريقي مطابق حاصل ڪريو.

اقْرَأْ وَرَبُّكَ الْأَكْرَمُ الَّذِي عَلَّمَ بِالْقَلَمِ

وري بہ تاڪيد سان اشارو مليو تہ علم مخلوق مان ئي حاصل ڪرڻو آهي پر علم اهو هجي جيڪو توکي تنهنجي رب ڪريم جي سڃاڻپ حاصل ڪرائي علم جي ميدان ۾ علم کي محفوظ بنائڻ لاءِ لکڻ جي ضرورت پوندي آهي جيئن چوندا آهن تہ "العلم صيد والكتابة قيد" علم هڪ شاهڪار آهي انهي کي لکائي جي پڃري ۾ بند ڪري سگهو ٿا.
تہ الله تعالي فرمايو تہ مون اوهان کي قلم جي ذريعي سيکاريو انهي آيت کي سامهون رکندي امام عبدالرحمان بن محمد بن علي البسطامي رح تحقيق ڪئي تہ. آدم عليہ السلام کان پنهنجي دور تائين ١٥٠ کان بہ وڌيڪ قلم جي دورن، احوالن ۽ صورتن جي تاريخ مرتب ڪندي ڪتاب لکيائين
"مباهج الاعلام في مناهج الاحلام"

عَلَّمَ الْإِنسَانَ مَا لَمْ يَعْلَمْ

(انسان کي اهو ڪجھ سيکاريائين جيڪو هو نہ ڄاڻندو هو) يعني انسان جڏهن اهي سڀ ڳالهيون ذهن ۾ رکي علم جي ميدان ۾ لهي پوندو تہ اهڙين شين جي هن کي ڄاڻ ملندي جنهن جي هن کي ڪا ڪل ئي ڪانہ هئي. مثلا اسان قرآن ڪريم تي غور ڪريون تہ هيترو عرصو گذري ويو آهي ۽ بي شمار قرآن ڪريم جا ترجما ۽ تفسير لکيا ويا آهن پر ڏسون ٿا تہ اڃا صرف سورت الفاتحہ جو بہ مڪمل تفسير ناهي ٿي سگهيو ۽ هر لکڻ واري لاءِ انهي سورت ۾ مختلف ميدان اڃا بہ موجود آهن. مقصد چوڻ جو تہ علم هڪ

اهڙو سمنڊ آهي جنهن جو ڪو ڪنارو ناهي ان ڪري اسان کي گهرجي تہ انهي سمنڊ ۾ لهي پئون ۽ انهي سمنڊ ۾ ڪنڊا بہ موجود آهن واڳون بہ ويٺل آهن پر اسان کي انهن جي پرواهہ ناهي ڪرڻي صرف موتي تلاش ڪرڻا آهن.

ڇوتہ اسلام جي پهرين وحي اسان کي انهي شئ جو سبق ڏئي ٿي اسلام جي شروعات آدم عليہ السلام کان ڪريون تڏهن بہ ابتداء علم سان ٿئي ٿي يا اسلام جي ابتداء جناب محمد رسول الله کان ڪريون تڏهن بہ شروعات علم سان ٿئي ٿي.

مانوارا قارئين! ان ڪري اسان کي گهرجي تہ اسان عمر کي نہ ڏسون پر علم حاصل ڪريون ۽ علم اهو حاصل ڪريون جنهن سان پنهنجي رب کي سڃاڻي سگهون ڇوتہ الله تعالي بار بار اسان کي علم حاصل ڪرڻ جو شوق ڏياريو آهي.

مثلا: اسان قرآن ڪريم جي سورت فاطر آيت ٢٨ سوره الزمر آيت ٩ المجادلہ ١١ الاعراف ١٩٩ آل عمران ٧ طہ ١١٤ النحل ٤٣ وغيره وغيره انهن آيتن کي پڙهي ڏسون تہ بار بار علم حاصل ڪرڻ جي ترغيب ملندي.

الله جي نبي کان ڪو وڏو عالم ناهي هوندو پر وري بہ الله تعالي حڪم ڪيو تہ توهان بہ دعا گهرندا رهو تہ "رب زدني علما" (طہ ١١٤) اي منهنجا رب مون کي علم ۾ اجا وڌائي جيڪڏهن الله جي نبي کي علم ۾ وڌڻ جو حڪم آهي تہ پوءِ اتي اسان جي ڪهڙي حيثيت آهي.

ان ڪري اسان کي پنهنجي علم تي ڪڏهن بہ فخر نہ ڪرڻ گهرجي بلڪہ هميشہ پنهنجي علم کي گهٽ سمجهي وڌيڪ علم حاصل ڪرڻ لاءِ جستجو ڪجي. انهي سان وڌيڪ زندگي جون راهون کلنديون.

الله تعالي کان دعا آهي تہ اسان کي اسلام جي هن پهرين وحي کي سمجهندي انهي مطابق صحيح علم حاصل ڪرڻ جي توفيق عطا فرمائي. ۽ ان سان گڏوگڏ عمل ڪرڻ جي بہ توفيق عطا فرمائي. آمين

مولانا محمد خان مڪاڻي

مؤرخ اهل حديث: مولانا محمد اسحاق ڀٽي رحمہ اللّٰہ
حالات ۽ واقعات ۽ علمي خدمتون

جو بادہ کش تھے پرانے وہ اٹھتے جاتے ہیں
کہیں سے آب بقا دوا لے ساقی۔

۲۲ ڊسمبر ۲۰۱۵ع اڱاري جي سرد صبح جو فجر نماز کان پوءِ محترم جناب محمد رمضان يوسف سلفي صاحب فيصل آباد جن فون تي اها ڏک ڀري خبر ڏني تہ مولانا محمد اسحاق ڀٽي صاحب جن هن فاني دنيا مان وفات ڪري ويو آهي.دل و دماغ تي ان عظيم حادثي ۽ صدمي وڏو اثر ڪيو.باساختہ زبان تي انالله وانا اليہ راجعون ،اللهم اجرني في مصيبتي واخلف لي خيرًا منه. جا الفاظ زبان تي تري آيا. مولانا محمد اسحاق ڀٽي صاحب رحمه الله جي وفات جي خبر نہ صرف اندرون ملڪ ۾ بلڪہ بيرون ملڪ بہ نهايت حزن و ملال سان ٻڌي وئي جنهن سان علمي ۽ جماعتي حلقن جي فضا سوڳوار ٿي وئي.

مولانا ڀٽي صاحب رحمه الله جن پنهنجي ذات ۾ هڪ ادارو ، جماعت ۽ هڪ انجمن هئا. موصوف جن اڪيلي سر جيڪو علمي و تصنيفي ڪم ڪيو هو. اهو جماعتون ، انجمنون ۽ ادارا بہ شايد نہ ڪري سگهن.پاڻ هڪ خاموش طبع، مخلصانہ،منظم ۽ سچي حياتي گهاريندڙ نيڪ دل، بلند ڪردار ۽ مخلص شخص هئا. سندس علمي ڪم ڪي ڏسي سندس حياتيءَ مان همٿ ۽ حوصلو، جوانمردگي ئي نظر ايندي هئي . نوڙت ، نهٺائي ۽ خلوص زندگيءَ جو حصو ۽ سندس سجاڻپ هئا.

ناالو ، پيدائش ۽ نسب:

مولانا محمد اسحاق ڀٽي صاحب جن ۱۵ مارچ ۱۹۲۵ع ۾ متحده هندوستان جي اوڀر پنجاب جي مشهور رياست فريد ڪوٽ جي هڪ ڳوٺ ڪوٽ ڪپوره ۾ پيدا ٿيا. سندس نسب هن ريت آهي.محمد اسحاق ڀٽي ولد ميان عبدالمجيد ولد محمد ولد دوست محمد ولد منصور ولد خزانا ولد جيوا. سند تڙ ڏاڏو جيوا جيڪو پٽيالہ رياست جي مهاراجہ جو درباري هو. ۽ سندس ڏاڏو پنهنجي دور جو نهايت نيڪ ۽ پرهيزگار انسان هو. جيڪو دين دار، تقويٰ، خشيت ۽ صالحيت جي زيور سان آراستہ هو. ڀٽي صاحب جن

جي ولادت هڪ دينڊار گهراڻي ۾ ٿي. سندس ڏاڏي ميان محمد جنهن هن هونهار جي تعليم و تربيت به پنهنجي مزاج مطابق ڪئي . ۽ پنج وقت جي نماز لاءِ ڪيس پاڙي جي مسجد ۾ پاڻ سان گڏ وٺي ويندو هو.

تعليم:

مولانا محمد اسحاق ڀٽي صاحب جن پنهنجي تعليم جو آغاز پنهنجي ڏاڏي مرحوم ميان محمد رحہ کان ڪيائون.قرآن مجيد ناظره ۽ ڪجهہ لکڻ ۽ پڙهڻ وٽان ئي سکيائون.۽ ان سان گڏ ڳوٺ جي سرڪاري اسڪول ۾ ويهاريوويو. جتان چار ڪلاس تائين اسڪولي تعليم يعني پرائمري پاس ڪيائين . جنهن ڪان پوءِ سندس ڏاڏي مرحوم مولانا محمد اسحاق ڀٽي صاحب کي ان وقت جي چوٽي جي عالم ،حديث جي ڪتاب "سنن نسائي" جي شارح ۽ اداره "الدعوة السلفيه" و هفت روز "الاعتصا" لاهور جو باني جناب مولانا عطاء الله حينف رحہ الله (وفات: ۱۹۸۷ع) وٽ پڙهڻ لاءِ ويهاريو. مولانا عطاء الله حنيف ان وقت(۱۹۳۳ع ۾) ڪوٽ ڪپوره جي مرڪزي مسجد ۾ امام ۽ خطيب هو. ۽ گڏوگڏ انهيءَ مسجد ۾ پاڻ درس و تدريس جو سلسلو به شروع ڪيو هو. چنانچہ مولانا محمد اسحاق ڀٽي صاحب جن مولانا عطاء الله حنيف رحہ کان قرآن مجيد جو ترجمون ، مولانا قاضي محمد سليمان منصوري پوري رحمہ الله (متوفي ۱۹۳۰) جو مشهور ڪتاب "رحمةللعالمين" سبقن سبقن پڙهڻ لڳا ۽ ٽن مهينن ۾ اهو ضخيم ڪتاب پڙهي ورتائون. مولانا ڀٽي صاحب ننڍي هوندي کان ئي ذهين ۽ هوشيارهوندو هو. سندس استاد پنهنجي انهيءَ شاگرد جي صلاحيتن۽ قابليت کان بي خوبي واقف ۽ خوش هو. اهو ئي سبب آهي جو مولانا اسحاق ڀٽي مرحوم صاحب جن پنهنجي تعليم جا تمام مراحل علوم عاليہ وفنون آليہ. حديث تفسير ۽ درس نظامي جي مڪمل تعليم مولانا عطاء الله حنيف وٽ حاصل ڪئي. ان دوران مولانا عطاء الله حنيف جتي به رهيو مثلاً مرڪز الاسلام لکوکي(قيام:۲۷-۱۹۲۶ع)، جامع مسجد فيروز پور وغيره تہ پاڻ گڏ ئي هوندا هئا. استاد ۽ شاگرد جي قرب ۽ تعلق جي آڌار تي مولانا عطاء الله حنيف جي حڪم ۽ مشوري تي پاڻ گوجرانوالہ شهر ۾ پڙهڻ لاءِ ويا جتي به سال پاڻ ان وقت جي چوٽي جي عالمن مولانا حافظ محمد گوندلوي رحمہ الله (متوفي ۱۹۸۵ع) ۽ مولانا محمد اسماعيل سلفي رحمہ الله (متوفي۱۹٦۸ع) جي سامهون شاگرد ٿي ويهي صحيح بخاري ، صحيح مسلم ۽ ٻيا امهات الڪتب پڙهي ڪري سند فراغت حاصل ڪئي. ان کان علاوه پاڻ ان وقت جي تحريڪ آزادي جي مشهور مجاهد، ديني ۽ سياسي ليڊر ۽ اڳواڻ حضرت مولانا محمد دائود غزنوي رحہ (متوفي ۱۹٦۳) ۽ متڪلم زمان مولانا محمد

حنيف ندوي رحہ(متوفي١٩٨٧ع) جن جي صحبت ۽ تربيت ۾ رهي ڪري سندس علمي ،فڪري زندگي ۽ سوچ ۾ وڏي تبديلي پيدا ٿيس. مولانا محمد اسحاق ڀٽي صاحب جن پنهنجي ان عالي قدر، مشفق ۽ مهربان استادن متعلق هڪ جڳهہ لکن ٿا تہ " منهنجي تعليم و تربيت ۾ جن بہ علماء ڪرام ۽ استاتذه ڪرام جي زير سايہ ٿي آهي.اهي پنهنجي دور جون تمام وڏيون شخصيتون هيون.اهي بيحد معتدل مزاج هئا. ۽ پنهنجي ڳالهہ کي هميشہ مثبت انداز ۾ بيان ڪندا هئا. اهي منفي نقطئہ نظر ۽ سوچ کان هو تمام پري هوندا هئا.انهن مان ڪنهن بہ ڪفر و شرڪ ، بي ديني ۽ الحاد جا فتويٰ نہ ڏنائون بلڪ اهي ماڻهن کي صحيح ۽ سڌو رستو ڏيکارڻ ۽ انهن کي صحيح مسلمان بنائڻ جي فڪر ۾ هوندا هئا ۽ انهيءَ جي لاءِ ڪوشش ڪندا رهندا هئا. نہ اهي ڪفر جي تقسيم جي لاءِ ڪوشان رهيا نہ ماڻهن کي مشرڪ ثابت ڪرڻ جي پويان هوندا هئا، نہ ڪنهن کي جنت مان ڪڍيائون ۽ نہ وري ڪنهن کي جهنم ۾ داخل ڪرڻ جي ڪوشش ڪيائون. (گذر گي گذران ،ص:) .

مولانا محمد اسحاق ڀٽي مرحوم جن پنهنجي انهن عالي قدر اساتذه ڪرام کان خوب پريو. جنهن جي نتيجي ۾ پاڻ انتهائي سخن سنج، سخن فهم ، سخن دانا، سخن شناس ۽ سخن نواز هئا. هر وقت خوش اخلاقي ۽ خوش خلقي سندس چهري تي عيان هوندي هئي.

چنڊ چوڏهين کان بہ وڌ هو ، چمڪندڙ چهرو سندس
محب مٺيادار منهنجو ، مرڪندڙ چهرو سندس.

عملي زندگي :

مولانا محمد اسحاق ڀٽي صاحب جن پنهنجي تعليم مڪمل ڪرڻ کان پوءِ پنهنجي عملي زندگيءَ جو آغاز محڪمہ آب پاشي ۾ ڪيائون. سڀ کان پهريان پاڻ درياء ستلج هيڊ سليمانڪي واري هنڌ تي ڪلارڪ طورپرتي ٿيا. جتي پاڻ صرف بہ سال ١٩٤١,٤٢ع تائين رهيا تنهن کان پوءِ پاڻ اها سرڪاري نوڪري ڇڏي ڏنائون. ان کان پوءِ پاڻ پنهنجي مهربان ۽ شفيق استاد مولانا عطاء الله حنيف جن جي مشوره سان ١٩٤٣ع کان ١٩٤٧ع تائين مدرسہ مرڪز الاسلام لکوڪي ۾ درس و تدريس سان وابستہ ٿي ويا. اهو سندس تدريس جو آغاز هو.

قيام پاڪستان ۽ هجرت :

١٩٤٧ع ۾ پاڪستان ملڪ وجود ۾ آيو تہ پنهي ملڪن طرفان هجرت جو سلسلو شروع ٿيو تہ مولانا محمد اسحاق ڀٽي صاحب جن پنهنجي خاندان سان هجرت ڪري پاڪستان اچي ويا. مولانا محمد اسحاق ڀٽي

صاحب جن پنهنجي انهيءَ هجرت واري واقعي متعلق لکن ٿا تہ " جڏهن اسان گهر کان نڪتاسون تہ اسان وٽ کاڌہ شيءَ نہ هئي، نہ ڪپڙا، نہ برتن وغيره.منهنجا پنهنجا ذاتي مطالعي وارا ڪتاب جيڪي ۳۰۰ کان بہ زياده هئا. اهي بہ اتي رهجي ويا. ۽ بہ سڌون جيڪي منهنجن مهربانن استادن مون جهڙي گهٽ علم ۽ بي عمل کي ڏنو هنيون اهي بہ انهن ڪتابن ۾ رهجي ويون ۱۲ آگسٽ ۱۹۴۷ع تي اسان سڀ ئي هڪ ئي خاندان جا ماڻهو ننڍا توڙي وڏا تقريباً ۳۰۰ افراد گڏجي پنهنجي آبائي ڳوٺ مان صبح جو فجر نماز کان اڳ ۾ تقريبا ۵ بجہ ڌاري هڪ ٽرڪ ذريعي روانا ٿياسون. ۽ رات جي وقت تقريبا ۸ بجہ ڌاري اسان پاڪستان جي شهر قصور پهتاسون . اهو ۴۵ ميل جو سفر اسان هڪ ٽرڪ ۾ پندرهن ڪلاڪن ۾ طئي ڪيوسين. جڏهن تہ منهنجو والد ماجد ۽ ٻيا بہ گهڻا ماڻهون جيڪي اسان جارشتيدار هئا اهي اتي رهجي ويا هئا. اهي سڀئي افراد پوءِ هڪ وڏي ڪافلي سان گڏجي هڪ مهيني کان پوءِ ڪوٽ ڪپوره مان روانا ٿيا ۽ وڏيون تڪليفون ۽ سختيون جهيلي ڪري وڏي مصيبت کان پوءِ ۳۰ سنتمبر ۱۹۴۷ع تي گنڊا سنگهہ قصور پهتا (نقوش عظمت رفتہ صہ ۵۸۱).

پاڪستان ۾ رهائش.

مولانا محمد اسحاق ڀٽي صاحب جن هندوستان جي رياست فريد ڪوٽ جي هڪ ڳوٺ (شهر) ڪوٽ ڪپوره مان خاندان سميت هجرت ڪري ۱ اڪٽوبر ۱۹۴۷ع ۾ پاڪستان جي شهر قصور پهتا. اتان کان پوءِ فيصل آباد جي تحصيل جڙانوالا جي ويجهو چڪ نمبر ۵۳ گ ب منصور پور ڍهيسيان آيا جڙانولا جي قرب جوار ۾ رياست فريد ڪوٽ جي مهاجرين جي ٻارنهن ڳوٺن کي اهو علائقو الاٽ ڪيو ويو هو. ۽ انهيءَ ڳوٺ ۾ انهن رهائش اختيار ڪئي . رياست فريد ڪوٽ ۾ هي خاندان انتهائي سکيو ستابو هو. ديني ۽ دنياوي لحاظ سان بہ مالا مال ۽ خوشحال هو. هن خاندان وٽ ڪيترن ئي ماڻهن وٽ پنهنجا ڪاربار، ٻني ٻارو ۽ ٽراسپورٽ جو ڪم ڪار هوندو هو. انهن جون پنهنجون ذاتي ٽرڪون ۽ بسون هونديون هنيون. هجرت پاڪستان جي وقت انهن اهو سڀ ڪجهہ اتي ڇڏي ڪري پاڪستان هليا آيا. ۽ هتي اچي انهن جو تمام ڏکيو وقت گذريو . جو تہ اهو دور ۽ وقت بہ اهڙو هو جو جيڪي خاندان هندوستان مان هجرت ڪري پاڪستان آيا هئا اهي سڀ ئي وڏي آزمائشن ، تڪليفن ۽ وڏي پيڙاهہ ۾ گهيريل هئا. ڀٽي صاحب ۽ سندس خاندان وارن انهن گهڙين کي نهايت صبر ۽ استقامت سان سنائون ۽ انهن مرحلن مان وڏي حوصلي ۽ همت سان گذريا ئون. (الاعتصام اشاعت خاص : بياد مولانا عطاء الله حنيف ص ۱۸۲).

جماعتي وابستگي ۽ مرڪزي جمعيت اهل حديث جو قيام.

مولانا محمد اسحاق ڀٽي صاحب جن پنهنجي خاندان سميت هندوستان مان هجرت ڪري پاڪستان اچي رهيو. جولاءِ ۱۹۴۸ع ۾ سندس زندگيءَ جي هڪ نئي دور جو آغاز ٿيو . انهيءَ دور ۾ ڪيس مرڪزي جمعيت اهل حديث پاڪستان سان وابستگيءَ جو شرف حاصل ٿيو.عظيم مرد مجاهد ۽ ليڊر مولانا سيد محمد داود غزنوي رحہ جن(متوفي۱۹۶۳ع) جي زير قيادت ۽ تربيت ۾ جماعتي ڪم ڪرڻ جو موقعو مليو . ان دوران هزارن جي تعداد ۾ علماء ڪرام ۽ مشائخ عظام سان مِيل ملاقات ۽ نيازمندي جا انيڪ موقعا نصيب ٿيا. بلڪ اهو چوڻ بجا آهي تہ مولانا محمد اسحاق ڀٽي مرحوم جن جو شمار مرڪزي جمعيت اهل حديث پاڪستان جي باني اراڪين مان هو. تہ ان ۾ ڪوبہ شڪ نہ آهي ، پاڻ لکن ٿا تہ " رات جو ۱۲ بجہ ڌاري آئون لاهور پهتس . ٻي ڏينهن مولانا عطاء الله جن مون کي مولانا داود غزنوي رحمہ الله جي خدمت ۾ پيش ڪيو . جنهن مون کان چند ڳالهيون پڇيو ۽ اهو بہ پڇيائين تہ آزادي کان اڳ ۾ پنجاب (هندوستان) جي ڪهڙي علاقي سان تعلق هو. عرض ڪيم تہ ڪوٽ ڪپوره رياست فريد ڪوٽ . ارشاد ٿيو تہ ڪوٽ ڪپورهہ جي انجمن اصلاح المسلمين جي ساليانہ جلسن ۾ جتي اسان جا ڪجهہ مريد ۽ معتقدين بہ رهن ٿا. انهن جلسن ۾ آئون ۽ منهنجو چاچو حافظ محمدزڪريا غزنوي رحہ شرڪت ڪندا هئاسون. مون نهايت ادب سان عرض ڪيم تہ ٻڌو اٿم تہ توهان انهن جلسن ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ تشريف آڻيندا رهندا هئا. ۽ر اهو منهنجي هوش سنڀالڻ کان اڳ جون ڳالهيون آهن. سوال ڪيائين تہ ڇا توهان ڪڏهن ڪنهن اداري جا سيڪريٽري بہ رهيا آهيو ۽ ان جو ٿورو يا گهڻو تجربو بہ آهي.....؟ جواب عرض ڪيم تہ جي هان ! آئون هڪ سال ۱۹۴۶ع کان ۱۹۴۷ع تائين انجمن اصلاح المسلمين جو ۽ ہہ سال رياست فريد ڪوٽ جي پر جا منڊل جو جنرل سيڪريٽري بہ رهيو آهيان . جڏهن پرجا منڊل جا لفظ مولانا صاحب جن ٻڌا تہ پاڻ تعجب مان مون ڏانهن ڏسڻ لڳا ۽ فرمايائون تہ پرجا منڊل جا سيڪريٽري......؟ عرض ڪيم جي هان !. پرجا منڊل پنجاب جي رياستن جي دراصل ڪانگريس جي مقابلي ۾ هڪ منظم سياسي تنظيم هئي.

جنهن کان پوءِ مولانا صاحب مون کي ڪم ڪار متعلق سمجهاڻي ڏنائون ۽ گڏوگڏ ڪجهہ نصيحتون بہ ڪيائون.۽ فرمايائون تہ پروفيسر عبدالقيوم صاحب (متوفي ۱۹۸۹ع) جن مرڪزي جمعيت اهل حديث جا ناظم اعليٰ آهن جن جي هدايتن مطابق توکي ڪم ڪرڻو آهي . مولانا عطاء الله

حنيف سان گڏجي وڃي ان سان ملو، ملاقات وغيره ڪري ۽ ڪم ڪار جي نوعيت بہ سمجهي اچو . مون جوابا عرض ڪيم تہ ٺيڪ آهي جناب! آئون ڪم ڪار جي نوعيت ۽ تفصيلات ڪي سمجهڻ جي ڪوشش ڪندس. ان وقت منهنجي ۹۰ روپيہ تنخواھ مقرر ڪئي وئي. آئون مولانا عطاء الله حنيف صاحب سان گڏجي پروفيسر عبدالقيوم جن جي گهر آيس ان سان ملاقات ٿي ۽ تعارف ٿيو. ان طرح مونکي جمعيت جو ناظم دفتر مقرر ڪيو ويو. (نقوش عظمت رفتہ ص ۱۹) . ان طرح مولانا محمد اسحاق ڀٽي صاحب جن ۸ ڊسمبر ۱۹۴۸ع کان مرڪزي جمعيت اهل حديث پاڪستان جا ناظم دفتر جي حيثيت سان ڪم جو آغاز ڪيائون. پاڻ پندرهن سال مولانا داود غزنوي رحمہ الله جهڙي دانا و بيناء ،ذهين ۽ هوشيار عالم دين ۽ سياسي ليڊر جي وفات تائين خدمتون سر انجام ڏيندا رهيا . موصوف مولانا غزنوي سان گڏجي جماعت جي ترقي و تعمير ۽ ان جي تنظيم سازي لاءِ تمام گهڻي جدوجهد ڪيائين. ۱۹۴۹ع ۾ جماعت اهل حديث جي نوجوانن جي تنظيم "جمعيت طلباء اهل حديث " جو قيام عمل ۾ آيو تہ ان سلسلي ۾ مولانا محمد اسحاق ڀٽي صاحب جن پنهنجن بعض رفقاء مولانا محمد يحيٰ عزيز مير محمدي رحہ (متوفي ۲۰۰۸ع) مولانا خليل اثري رحہ(متوفي ۲۰۰۸ع) ۽ مولانا ابوبڪر صديق (موجوده سرپرست اعليٰ هفت روزه الاعتصام لاهور) سان گڏجي پنجاب جي بعض علائقن جو طوفاني دور ڪيائون ۽ جماعت اهل حديث جي نوجوان ڪي جماعتي سرگرمين ۾ متحرڪ و فعال ڪيائون ۽ انهن جي تنظيم سازي ڪيائون.

ميدان صحافت ۾:

مولانا محمد اسحاق صاحب جن مرڪزي جمعيت جا ناظم دفتر جي حيثيت سان پنهنجون ذميواريون ادا ڪندا رهيا . ڪجهہ عرصہ کان پوءِ ۱۹ آگسٽ ۱۹۴۹ع تي جماعت جو مشهور علمي و تحقيقي ۽ مسلڪ اهل حديث جو داعي و ترجمان هفت روزه اخبار "الاعتصام" گجرانوالا مان ان جو اجرا عمل ۾ آيو . ڪجهہ عرصہ بعد مولانا محمد اسحاق ڀٽي ڪي ان جو معاون مريد مقرر ڪيو ويو ۽ ڪيس لاهور کان گوجرانوالہ موڪليو ويو. انهن ئي ڏينهن ۾ مرڪزي جمعيت جو دفتر بہ عارضي طور گوجرانوالہ منتقل ڪيو ويو هو. ڀٽي صاحب هڪ جڳهہ تي لکي ٿو تہ "اخبار ۽ جمعيت جو دفتر هڪ ئي جڳهہ ۾ هئا. ۽ ينهي ۾ آئون اڪيلو ئي ڪم ڪندو هئس. نہ ڪو چپڙاسي مقرر هو. نہ ٻهاري ڪڍڻ وارو ، نہ ڪلارڪ وغيره، ڏينهن رات آئون اڪيلو ڪم ۾ مصروف رهندو هئس . اخبار لاهور مان ڇپندو هو. اخبار شايع ڪرائڻ لاءِ هر هفتي گوجرانوالا کان لاهور ايندو هئس. اخبار لاءِ

مضمون ۽ اداراتي شذرات بہ لکندو هئس .آئون اخبار جا کم کار انتهائي شوق ۽ لگن سان کندو هئس. مون کي کم جي لگن ۽ ان کي سکڻ جو شوق حد کان وڌيڪ هو. ظاهر آهي تہ اهي کم محنت ۽ شوق کان سواءِ سکي نٿا سگهجن . تنهنکري محنت ۽ شوق پئي ضروري هئا. جن تي هي فقير عمل پيرا هو. (ميان فضل حق اور ان کي خدمات ص ١٦٣).

ان کان علاوه هڪ جڳہ تي پاڻ لکن ٿا تہ "

اهو منهنجي زندگيءَ جو نئون دور ۽ نئون تجربو هو. مون کي لکڻ ۽ پڙهڻ سان خاص دلچسپي ۽ جنون جي حد تائين شوق هو. ۽ پوءِ اها دلچسپي جلدي ئي منهنجو پيشو ٿي وئي. (گذر گئي گذران ص ٢٠٥) ١٥ مئي ١٩٥١ع تي مولانا محمد حنيف ندوي رحہ جن جواداره ثقافت اسلاميہ لاهور (قيام ١٩٥٠ع) ۾ بطور ملازمت سندس تقرر عمل ۾ آيو. تہ جمعيت اهل حديث جي طرفان هفت روزه الاعتصام جي تمام تر ذمہ داري مولانا محمد اسحاق ڀٽي جي ڪلهن تي رکي وئي . ١٤ ڊسمبر ١٩٥٢ع تي مرکزي جمعيت اهل حديث مغربي پاڪستان جي طرفان فيصلو ڪيو ويو تہ جمعيت ۽ الاعتصام جا دفتر وري گوجرانولا کان لاهور منتقل ڪيا ويا ۽ ان تي فوري عمل ڪيو ويو. ۽ جڏهن جمعيت ۽ الاعتصام جا دفتر لاهور منتقل ڪيا ويا. تہ انهيءَ عرصہ دوران موصوف الاعتصام لاءِ وڏي محنت ڪئي ان جا ڪئي تاريخي ،وقيع ۽ اهم نمبر بہ شايع ڪيا . جن مان "حجيت حديث نمبر" (فيبروري ١٩٥٦ع)۽ "١٨٥٧ع نمبر" (مئي ١٩٥٧ع) ۾قابل ذڪر آهن . هي نمبر تحريڪ آزادي متعلق اهم تحقيقي ۽ معلوماتي مواد کان علاوه برصغير جي سياسي تاريخ تي اهم دستاويز بہ آهي. ان کان علاوه پاڻ بيشمار عيد نمبر ۽ آئين نمبر وغيره جي اشاعت جو بہ اهتمام ڪيائين.

پاڻ ١٩٥٨ع ۾ رسالہ الاعتصام جي ادارت تان عليحدگي اختيار ڪيائون.الاعتصام جي ادارت تان عليحدگي کانپوءِ ۽ مولانا اسحاق ڀٽي صاحب جن پنهنجن چند مخلص ۽ هم خيال دوستن جي مشوري ۽ تعاون سان لاهور مان " منهاج" نالي هڪ ٽي روزه اخبار جاري ڪيائون . ان اخبار جو دفتر بہ شيش محل روڊ تي واقع هو. اهو اخبار چوڏهن مهينہ کن جاري رهيو اهو هڪ معياري اخبار هو . جنهن ۾ نهايت هي ئي علمي، تحقيقي ۽ جاندار مضامين شايع ٿيندا هئا. جنهن ۾ موقع مناسبت سان حالات حاضره ۽ سياسي حالات تي تمام بهترين تبصرا ۽ انهن تي سهٽي نموني سان روشني وڌي ويندي هئي. ان اخبار جي علمي حلقن ۽ خصوصا جماعت اهل حديث وٽ وڏي پذيرائي ۽ مقبوليت هئي. بالآخر ڪن ناگيزير حالات ۽ مالي مشڪلاتن سبب اها اخبار اپريل ١٩٥٩ع ۾ بند

ٿي وئي. ٨٧-١٩٨٨ع ۾ هفت روزه اهل حديث لاهور جي بہ پاڻ ١١ ميهنا ان جي ادارت سنڀاليائون . ان کان علاوه مولانا محمد اسحاق ڀٽي صاحب جن وقت جي ٻين اخبارن ۽ رسالن ۾ بہ مضمون نويسي ۽ ڪالم نگاري ڪندا رهندا هئا. مثلاً امروز لاهور، روزنامو پاڪستان لاهور ان کان علاوه مشهور صحافي ۽ تجزيہ نگار جناب مجيب الرحمٰن شامي جي ماهنامہ "قومي ڊائجسٽ" ۾ هڪ عرصي تائين ان ۾ مختلف شخصيتن تي سوانح ۽ خاڪ نگاري جو سلسلو جاري رکيائون . ان کان علاوه جولاءِ ١٩٦٥ع ۾ مولانا محمد اسحاق ڀٽي صاحب جن مولانا داؤد غزنوي رحہ جي فرزند ارجمند مولانا ابوبڪر غزنوي رحمہ الله (متوفي ١٩٧٦ع) جن گڏجي هفت روزه "توحيد" کي دوباره جاري ڪيائون .اهو رسالو دراصل ١٩٢٧ع ۾ مولانا داؤد غزنوري رحمہ الله جن جاري ڪيو هو جنهن جو پهريون شمارو يڪم اپريل ١٩٢٧ع ۾ شايع ٿيو ۽ ان جو آخري پرچو يڪم مئي ١٩٢٩ع تي شايع ٿيوهو . ان طرح اهو هفت روزه اخبار صرف ٻہ سال ۽ هڪ مهينو جاري رهي سگهيو. ان رسالي کي دوباره شايع ڪرڻ لاءِ ٻنهي بزرگن عزم ڪيائون . جولاءِ ١٩٦٥ع ۾ توحيد جي دوباره اشاعت ٿي ۽ اهو ميدان صحافت ۾وارد ٿيو . ان رسالي جي صحافت جي ميدان ۾ اٽڪ تمام ڀلي ۽ عمده هئي . پر ڪجهہ عرصہ کان پوءِ ڀٽي صاحب بہ ان رسالي کان عليحده ٿي ويو. سندس عليحده ٿيڻ جي ٿوري عرصي بعد اهو رسالو بہ بند ٿي ويو. توحيد رسالو پنهنجي اشاعت کان پوءِ صرف چار مهينا زنده رهيو. ان طرح مولانا محمد اسحاق ڀٽي صاحب مرحوم جن سندس استاد ۽ محسن مولانا محمد حنيف ندوي جي مشوري ۽ چوڻ تي پاڻ ٢١ اڪٽوبر ١٩٦٥ع تي اداره ثقافت اسلاميہ لاهور (قيام ١٩٥٠) سان منسلڪ ٿي ويا ۽ پاڻ ان ادري ۾ مارچ ١٩٩٦ع تائين پورا ٽيهہ سال خدمتون سرانجام ڏنائون. ۽ پاڻ ان اداري جي ماهنامہ ميگزين "المعارف " جا پڻ ايڊيٽر ٿي رهيا . اهو رسالو بہ اهل علم وٽ انتهائي مقبول ۽ قدر جي نگاهہ سان پڙهيو ويندو هو. جنهن ۾ انتهائي علمي، تحقيقي مضامين ۽ مقالا وغيره شايع ٿيندا رهندا هئا. پاڻ انهي علمي ۽ تحقيقي مجلہ جا ٻاويهہ سال ايڊيٽر ٿي رهيا. مولانا محمد اسحاق ڀٽي صاحب ملڪي و جماعتي حالات ۽ واقعات کان باخبر هئا ۽ انهن جا عيني شاهد بہ هئا. سندس قلم مان هزارن جي تعداد ۾ صحفات تي جماعتي ۽ غير جماعتي اصحاب و احباب جا شاندار تذڪرا شايع ٿيا آهن. سندس قلمي پورهيو هميشہ يادگار رهندو.

اداره ثقافت اسلاميہ لاهور ۾ ملازمت .

هي ادارو دراصل ڊاڪٽر خليفہ عبدالحڪيم مرحوم(متوفي ١٩٥٩ع) جن ١٩٥٠ع ۾ قائم ڪيو هو.

اهو ايوب خان جو دور حڪومت هو. ان جو وزير قانون جناب ايس ايم ظفر جن هئا. جنهن هن اداري جي ماتحت هڪ ليگل ڪميٽي ناهي هئي، جنهن ڪميٽي جو مقصد قانوني نسبت جي بعض اسلامي مسائل تي غور خُوض ڪرڻ هوندو هو. مثلاً نڪاح، طلاق، خلع، وراثت ،حَضانت وغيره جهڙا اهم مسائل هئا. اها ڪيمٽي ۱۹۶۵ع ۾ وجود ۾ آئي ۽ انهيءَ سال ئي مولانا محمد اسحاق ڀٽي صاحب جن ڪي اداره ثقافت اسلاميہ جي انهيءَ ليگل ڪميٽي ۾ ريسرچ اسڪالر جي حيثيت ۾ رکيو ويو. ۽ ان جون خدمتون حاصل ڪيون ويون . اهو ادارو برصغير ۾ معروف محققين ۽ مذهبي اسڪالرن جو مرڪز هو. جنهن ۾ ڀٽي صاحب ڪي خالص علمي ۽ تحقيقي ميدان سان واسطو پيو.سندن لاءِ اها علم جي نئي وادي هئي. جنهن ۾ پاڻ پنهنجا قدم رکيا هئا. هن اداري ۾ اچڻ سان مولانا اسحاق ڀٽي رحمہ الله جي تحرير ۽ قلم ۾ پختگي ۽ روانگي آئي ،۽ سندس علمي جواهر پارن ۾ نکار آيو مولانا محمد اسحاق ڀٽي صاحب جن هن اداري سان ۳۲ سال وابسطا رهيا. ۽ مارچ ۱۹۹۶ع ۾ هن اداري مان ريٽائر ٿيا. (گذري گئي گذارن ص ۳۵-۲۳۳)

راقم جي ملاقات ۽ تعلق:

مولانا محمد اسحاق ڀٽي صاحب مرحوم سان راقم جي دلي محبت ۽ عقيدت هونءَ تہ دور طالب علمي کان ئي هئي. سندن مضامين ۽ تحريرون جماعت جي رسالن خصوصًا الاعتصام ۾ اڪثر شايع ٿينديون رهنديون هنيون. جيڪي شوق سان پڙهندوهئس. آڪٽوبر ۱۹۹۱ع جي قومي ڊائجسٽ ۾ مولانا مودودي مرحوم متعلق سندس لکيل سوانح خاڪو (مضمون) پڙهيم تہ ان کان پوءِ آئون ان جي هر تحرير ۽ مضمون پڙهڻ جو گرويده ٿي ويس . ان کان پوءِ جڏهن موصوف جو خاڪن تي لکيل پهريون ڪتاب " نقوش عظمنت رفتہ" آڪتوبر ۱۹۹۶ع ۾ شايع ٿيو .تہ شوق مان وني مطالعو ڪيم ۽ ٻين دوستن کي ان ڪتاب پڙهڻ لاءِ اڪسايم.

۹۲-۱۹۹۳ع جڏهن راقم الحروف جامعہ سلفيہ فيصل آباد ۾ زير تعليم هو تہ هڪ ڀہ دفعو خصوصي طور ملڻ لاءِ مڪتبہ سلفيہ شيش محل روڊ لاهور ۽ اداره ثقافت اسلاميہ لاهور ۾ ملڻ لاءِ ويو هئس . پر ملاقات نہ ٿي سگهي . ۽ اها آس هميشہ دلي ۾ رهندي آئي. تان جو۵-۲۰۰۶ع ۾ مولانا محمد اسحاق ڀٽي صاحب جن برصغير جي جن اهل حديث عالمن ۽ مشائخن عظام رحمهم الله جن قرآن مجيد جي ڪنهن بہ حوالي سان خدمت ڪئي آهي تہ انهن جو تذڪرو ۽ سوانح لکڻ لاءِ پاڻ الاعتصلام رسالي ۾ ۲۶جولائي ۲۰۰۲ع جي شماري ۾ ان حوالي سان اشتهار شايع ڪرايائون جنهن

ڪان پوءِ پٽي صاحب سان راقم جي خط و ڪتابت جاري رهي. سندس راقم ڏانهن لکيل يادگار خطوط جو تعداد ۱۳ جي قريب آهي اهي خطوط منهنجي لاءِ زندگيءَ جو وڏو سرمايو آهن. سال ۲۰۰۶ع جي سياري جي موسم ۾ پنجاب وڃڻ ٿيو تہ پنهنجي سوٽ جناب خالد سيف لغاري ملڪاڻي صاحب جيڪي انهن ڏينهن ۾ لاهور ۾ رهندا هئا ۽ لاهور مان سنڌي ۾ هڪ ميگزين "باب الاسلام" نالي ڪڍندو هو. لاهور جي تاريخ ۾ اهو پهريون رسالو هو جيڪو سنڌي ۾ شايع ٿيندو رهيو هو. جنهن سان گڏجي مولانا محمد اسحاق پٽي صاحب سان ملڻ لاءِ سندس گهر لاهور جي مشهور علائقي سانده وياسون. منهنجي پٽي صاحب سان اها پهرين ملاقات هئي . ان ڪان پوءِ جڏهن بہ لاهور (پنجاب) وڃڻ ٿيندو هو تہ مولانا پٽي صاحب وٽ حاضري ۽ ملاقات ٿيندي هئي. آخري ملاقات آڪٽوبر ۲۰۱۳ع ۾ جڏهن اسلام آباد ڪان واپسي لاهور آيس تہ ٿي هئي. ان ڪان پوءِ مولانا پٽي صاحب سان ملاقات ٿي نہ سگهي آهي ۽ نہ وري اسان پاڻ ۾ هڪ ٻئي کي خط وغيره لکيوسين. هان دوستن احبابن ذريعہ هڪٻئي جي حال احوال ڪان آگاهي وٺندا رهندا هئاسون. نومبر ۲۰۱۵ع ۾ حافظ آباد گوجرانوالہ مان هڪ دوست(جناب سيف الله مغل صاحب) راقم وٽ ڳوٺ ملڪاڻي آيو هو. اهو جڏهن واپس پنجاب ويو تہ ان لاهور وڃي مولانا محمد اسحق پٽي صاحب سان ملاقات ڪئي ۽ منهنجو ذڪر ڪيائين. پٽي صاحب ڏاڍو خوش ٿيو۽راقم کي گهڻو ياد ڪائين .ان ڪان منهنجي باري ۾ احوال ورتائين ۽ خيريت معلوم ڪيائين . مولانا محمد اسحاق پٽي صاحب جن سيف الله مغل صاحب کي چيائين تہ محمد خان محمدي صاحب سان منهنجي پراڻي نيازمندي آهي. ڪافي ڏينهن ٿيا آهن جوان جو ڪوبہ احوال ۽ خط وغيره نہ مليو آهي.

مـون سي ڏٺا ماءِ ، جـنيـن ڏٺـو پـريـنءَ کي
تـنيـن سـنـدي ڪا ، ڪـري نـ سگهان ڳالـهڙي.

شخصيت ۽ تعارف :

مولانا محمد اسحاق پٽي مرحوم جن جي شخصيت ڪنهن بہ تعارف جي محتاج نہ آهي. پٽي صاحب جن جهڙي درويش، صابر، شاڪر، قانع ۽ محنتي شخصيت مون پنهنجي حياتي ۾ بي ڪا شخصيت نہ ڏٺي اٿم. مناسبت قد بت، سرخ و سفيد ڪٽڪ هاڻون رنگ ، پرپيل ويڪرو ۽ خوبصورت چهرو ، منهن ۾ نوزايت جا جلوا ، سفيد ۽ اعتدال جي حد ۾ سندس ڏاڙهي ، ڪشادي ۽ ويڪري پيشاني ، روشن ۽ جا ذب نظر نقش نگار مردانہ وجاهت رکندڙ ، اڪثر سفيد شلوار ۽ن قميص ۾ نظر ايندا هئا. سندس شخصيت جيڪا هر جگهہ ۽ هر محفل ۾ نظر

ايندڙهئي.

برصغير پاڪ و هند جو علمي و مذهبي طبقو ان جي نالي ، ڪم ۽ شخصيت ڪان بخوبي واقف آهي، پاڻ جيڪي بہ علمي تحريرون ۽ تحقيقي خدمتون سر انجام ڏنيون آهن ،انهن جي فيض ۽ برڪتن مان برصغير پاڪ وهند جا بيشمار ماڻهؤن استفادوڪيوآهي ۽ اجان بہ ڪري رهيا آهن. پيٽي صاحب جي تحريري خدمتن ڪي اسان جي تاريخ ڪڏهن بہ فراموش نہ ڪري سگهندي.ان ڪي هميشہ ياد ڪندي رهندي.مولانا محمد اسحاق پيٽي صاحب بحيثيت مصنف، مترجم، ڪالم نگاري، خاڪ نگاري ، صحافت وغيره ۾ پنهنجو هڪ خاص مقام رکندا هئا. ۽ پاڻ گهڻو لکيائون ۽ هر موضوع تي لکيو اٿن. پيٽي صاحب پنهنجي جدا ۽ الڳ اسلوب نگاري ۽ شگفتہ بياني جي ڪري علمي حلقن ۾ بيحد مقبول رهيا آهن. سندس قلم ۽ تحرير ۾ جان هوندي هئي. جنهن ڪي گهرائي ۽ فڪري صلابت رويو ۽پاڻ قدرت طرفان اعليٰ حافظي جهڙي نعمت سان مالا مال هئا. سندس حافظي ۾ واقعات ۽ مشاهدات جا نالا ، مقامات ۽ انهن جي تاريخ ،مهيني ۽ ڏينهن جي حساب سان بہ محفوظ هوندا هئا.پاڻ دوران گفتگو ۾ ڪڏهن ڪنهن واقعي يا تذڪري جي متعلق جڏهن هيئن چوندا هئا تہ " منهنجو غالب گمان يا اندزو هي آهي تہ اهو واقعو هن طرح ٿيو هو يا اها ڳالهہ هن طرح آهي " تہ بعد ۾ حالات ۽ قرآئن سان اهو واقعو ان طرح ٿي صحيح هوندو هو جئين پاڻ زباني بيان ڪيو هوندو هو.

مولانا محمد اسحاق پيٽي اخلاق ۽ عادات جي اعتبار سان انتهائي ڪريم النفس ۽ شريف الطبع انسان هئا. نوڙت ۽ عاجزي منجهس حد ڪان وڌيڪ هوندي هئي. طبيعت ۾ قناعت پسند هوندا هئا. پاڻ ڪڏهن بہ شهرت ۽ مرتبي جا طالب نہ هئا. بلڪ پاڻ اصلي معنيٰ ۾ انساني محبت ۽ اخوت جو مجسمو هئا. راقم ان ڪي جيترو قريب ڪان ڏٺو تہ منجهس خوبيون ئي خوبيون نظر آيون. مطلب تہ سندس شخصيت هميشہ سدا بهار هوندي هئي . دوران گفتگو مزيدار ۽ دل وندڙ ڳالهيون مثالي ٽوٽڪا، طنزومزاح، ۽ وڻندڙ لطيفہ ، پهاڪا ۽ چوٽيون محفل ۾ دوستن ڪي ٻڌائي نہ صرف خوش ٿي ڪلندا هئا بلڪ دوستن ڪي بہ ڪلائيندا هئا. مولانا محمد اسحاق پيٽي صاحب جي زندگي تي هي شعر صحيح معنيٰ ۾ فٽ اچي ٿو تہ :

طلب ڪيوسين نہ هٽ ڪنهن ڪان ، صلو پنهنجي محبت جو،

جفائن جو بڻائي پاڻ ڪي ، خوگر هليا وياسين،

دنيا وارن سان اهڙي ريت ، گهاري زندگي

پنهنجي،
ڪري مقصد سندو آخر ، بڪف گوهر هليا
وياسين،
مقدر ڪان هي سڀ سمجهي ، بچشم سر
هليا وياسين. (ميرچانڊيو)

تصانيف :

١. الفرست ابن نديم، ترجمو ،صفحات : ٩١٤- سال ١٩٦٩ع.
٢. برصغير پاڪ و هندو ۾ علم فقہ ،صفحات: ٤٠٠ سال ١٩٧٣ع
٣. فقهائي هند ١٠ جلدن ۾، ٽوٽل صفحات: ٣٥٣٤ سال ١٩٧٥-١٩٨٩ع
٤. برصغير مين اسلام ڪي اولين نقوش، صفحات: ٢٢٤سال ١٩٨٩ع
٥. ارمغان حنيف . صفحات: ٣٧١ سال ١٩٨٩ع
٦. قصور خاندان . صفحات: ٢٤٠، سال ١٩٩٧ع
٧. نقوش عظمت رفتہ . صفحات: ٣٤٠ سال ١٩٩٦ع
٨. ميان فضل حق ادر ان ڪي خدمات، صفحات: ٢٤٣ سال ١٩٩٧ع.
٩. بزم ارجمندان ، صفحات: ٦٣٠ سال ١٩٩٩ع
١٠. ڪاروان سلف . صفحات: ٥٢٧ سال ١٩٩٩ع
١١. قافلہ حديث . صفحات: ٦٤٥ سال ٢٠٠٣ع
١٢. اسلام ڪي بيٽيان. صفحات: ٦٠٠ سال ٢٠٠١ع
١٣. برصغير مين اهل حديث ڪي آمد، صفحات: ٣٤٨ سال ٢٠٠٤ع
١٤. سوانح قاضي محمد سليمان منصور پوري ،صفحات: ٥٠٠سال ٢٠٠٧ع
١٥. سوانح صوفي عبدالله ، صفحات: ٤٤٦ سال ٢٠٠٦ع
١٦. ميان عبدالعزيز مالواڊه، صفحات: ٦٠٠ سال ٢٠٠٦ع
١٧. برصغير مين اهل حديث خدام القرآن . صفحات: ٧٠٠، سال ٢٠٠٦ع
١٨. دستان حديث . صفحات: ٦٧٣ سال ٢٠٠٨ع
١٩. گلستان حديث ،صفحات:٥٨٥ سال ٢٠١١ع
٢٠. چمنستان حديث ، صفحات: ٨٠٥ سال ٢٠١٥ع

٢١. تذکره مولانا غلام رسول قلعول .
صفحات: ٥٢٨ سال ٢٠١٢ع
٢٢. لسان القرآن جلد سوم، صفحات: ٣٤٢
سال ١٩٩٩ع
٢٣. چره نبوت قرآن ک آئينہ مين صفحات
٣٢٦ سال ١٩٩٩ع
٢٤. ارمغان حديث ،صفحات: ٢٧٢ سال
٢٠٠٨ع
٢٥. هفت اقليم ، صفحا: سال٢٠٠٩ع
٢٦. استقباليہ و صدارتي خطبات ، صفحات:
٣٦٨ سال ٢٠١٢ع
٢٧. برصغير مين اهل حديث کي
سرگدشت،صفحات:٣٤٤ سال٢٠١٢ع
٢٨. روپڑي علماء اهل حديث . صفحات: ٣٤٩
سال ٢٠١٣ع
٢٩. مولانا احمد دين گکهڑوي رحمہ الله
صفحات: ٣٥٨ سال ٢٠١٥ع
٣٠. تذکره مولانا محي الدين لکهوي رحمہ
الله صفحات: ٤٥٧ سال ٢٠١٥ع
٣١. برصغير مين اهل حديث کي اوليات
صفحات: ١٨٢ سال ٢٠١٢ع
٣٢. ٣٢. مولانا ابوالکلام آزاد ايک نابغہ
روزگار شخصيت ، صفحات: ١٣٢ ناشر
خدابخش اورنٽيل لائبريري پٽنہ
هندوستان سال ٢٠٠١ع
٣٣. گذرگئي گذران ، صفحات: ٤٦٦ سال
٢٠١١ع .

اهي ڪتاب جيڪي ڀٽي صاحب جن اردو ۾ ترجمو ڪياهئا . پاڻ بهترين ترجمي ناگار هئا. انهن ڪتابن ۾ سڀ کان پهريان چوٿين صدي هجري جي مشهور محقق ۽ نامور مؤرخ امام محمد بن اسحاق بن نديم البغدادي (متوفي:٣٩١هه) جو مشهور ڪتاب "الفهرست" آهي، جنهن ۾ پهرين صدي کان چوٿين صدي هجري تائين جي تمام علوم وفنون متعلق تمام معلومات کي جمع ڪيو ويو آهي . هي ڪتاب معلومات جو سمنڊ بيڪنار وڏوعلمي خزينو آهي ، تاريخ ورجال ۽ بين تمام علوم وفنون جي باري ۾ مستند ۽ بينادي ماخذ طور ڪتاب آهي، جنهن جو پاڻ اردو ۾ ترجمو ڪيو آهي . اهو ڪتاب تمام ضخيم ٩١٤ صفحات تي مشتمل آهي جيڪو اداره ثقافت اسلاميہ لاهور طرفان سال ١٩٦٩ع ۾ شايع ٿيو.

(٢) لشڪراسام کي روانگي: ڊاڪٽر فضل الهي : ترجمو، صفحات :١٢٦سال ٢٠٠٠ع

(٣) سيرت سيدنا ابوبڪر صديق، محمد حسين هيڪل مصري . ترجمو . صفحات: ٦٢٠ سال ١٩٩٨ع

رياض الصالحين : امام شرف الدين ندوي (متوفي:٦٧٦هه) ترجمو ،طبع مشتاق بڪ ڪاربر لاهور.

وغيره انهن ڪتابن ڪان علاوه مولانا محمد اسحاق ڀٽي صاحب جي بيشمار مقالات ۽ مضامين بہ لکيا اٿن جيڪي مختلف رسائل، اخبارات ۽ ميگزينن ۾ شايع ٿيا آهن جيڪي شمار ڪرڻ ڪان ٻاهر آهين ، جڏهن تہ پنجاب يوينورسٽي جي طرفان شايع ٿيل دائره معارف اسلاميہ پنجاب يونيورسٽي لاهور ۾ تقريباً ٣٠ ڪان زائد مضامين ۽ مقالات لکيا اٿن جيڪي ان ۾ شايع ٿيا آهن . ان ڪان علاوه ڀٽي صاحب مرحوم جن ريڊيو پاڪستان لاهور تان نشري تقريرن جو سلسلو ڪندا رهيا آهن . جيڪو ١٩٦٥ع ڪان ١٩٩٧ع تائين تقريباً ٣٠ سال تائين جاري رهيو. جنهن ۾ پاڻ مختلف پروگرام ڪيا اٿن. جڏهن تہ ٽيلي ويزن تي بہ پروگرام ڪيا اٿن ڀٽي صاحب جو پهريون پروگرام ١٩٧٢ع جي ٢٧ جولاءِ تي نشر ٿيو. ٽيلويزن تي بہ سندس بيشمار پروگرام ريڪارڊ ۽ نشر ٿيا آهن.

وفات :

بلاشبہ مولانا محمد اسحاق ڀٽي مرحوم جن پرپور طريقي سان زندگي گذاري اٿن. سندن ڄمار جون ٩١ بهارون گذاري چڪيون هنيون ان جي باوجود پاڻ هميشہ صحت مند ۽ چاڪ هوندا هئا. ۽ پنهنجي ڪم ۾ سدائين مصروف نظر آيا ۽ سندس قلم جو گهوڙو ميدان تحرير ۾ اڳي ڪان اڳرو رهيو . گذريل سال جي سردي جي موسم ڪيس تمام گهڻو متاثر ڪيو. ڪيس اسپتال بہ داخل ڪرايو ويو، جتي پاڻ ۾ ڏينهن ۽ ۾ راتيون اسپتال ۾ زير علاج هئا. بلاآخر اهو عظيم شخص مختصر علالت ڪان پوءِ ٢٢ ڊسمبر ٢٠١٥ع اڱاري ڏينهن صبح جو فجر نماز وقت داعي اجل ڪي ليبڪ چيائون . فانا لله وانا اليہ راجعون. سندس حيات مستعار ٩١ سال ٩ مهينا اضافي ٧ ڏينهن سندس حياتي جي مڪمل ڄمار هئي. . سندس لاوڇتي وڇوڙي سان جماعت اهل حديث جي لاءِ وڏو سانحو ۽ صدمو آهي. انهيءَ ڏينهن پهريان ناصر باغ لاهور ۾ هڪ وڏي اجتماع ۾ جي صورت ۾ سندس دوست ۽ رفيق ڊاڪٽر حماد لکوي صاحب جن نماز جنازه پڑهائي . ان ڪان پوءِ ٻي نماز جنازه سندس آبائي ڳوٺ چڪ نمبر ٥٣ منصور پور ڊيسيان نزد جڙانوالا ضلع فيصل آباد ۾ مولانا مسعود عالم جن پڙهائي ۽ ڪيس آبائي قبرستان ۾ دفن ڪيو ويو.

اللهم اغفرله وارحمه وادخله الجنت الفردوس. آمين

عبدالسلام نهڙيو

ويلنٽائن ڊي ۽ اڄ جو مسلمان

عالمي سطح تي "يوم محبت" جو ڏهاڙو "ويلنٽائن ڊي" جي نالي سان هر سال ۱۴ فيبروري تي ملهايو ويندو آهي. هي ڏهاڙو هر سال جيان هن سال به وڏي ڌام ڌوم سان ملهايو ويو. ان ڏينهن جيڪو به ڪنهن سان محبت جو دعويدار هوندو آهي اهو گلن جو تحفو پيش ڪندو آهي.

عجب جهڙي ڳالهه هي آهي ته هي ڏهاڙو ملهائڻ وارا اڃا فيصلو پڻ نه ڪري سگهيا آهن ته آخر هن ڏينهن ملهائڻ جو مقصد ڇا آهي؟ هڪ غيرت مند، عقلمند ۽ باشعور انسان ان ڏينهن ڪي ملهائڻ جو سوچي به نٿو سگهي.

ڀلا ڪو غيرتمند انسان ڪڏهن به نه چاهيندو ته ڪو رستي تان هلندڙ شخص سندس ڀيڻ يا ڌيءَ کي ڪو گلدستو پيش ڪري اهڙي طرح ڪابه حيادار ۽ پاڪ دامن ڇوڪري پسند نه ڪندي ته ان جو ڪلاس فيلو يا ڪو آواره ڇوڪرو ان کي گلدستو پيش ڪري ۽ ڪوڙي محبت جي ڄار ۾ ڦاسائي.

ان ڏينهن بابت مختلف روايتون پيش ڪيون وڃن ٿيون جنهن مان ڪابه صحيح نه آهي پر هڪ خيالي داستان جيڪو ان حوالي سان تمام گهڻو مشهور آهي انهي کي مثالي جي طور پيش ڪيو ويندو آهي.

روم ۾ ويلنٽائن نالي هڪ پادري کي راهبه سان عشق ٿي ويو عيسائيت ۾ راهب راهبه جي لاءِ نڪاح ممنوع هو ۽ اڄان به ممنوع آهي انهي ان عشق کي انتها تائين پهچائڻ لاءِ هڪ ڊرامو رچايو پوءِ پنهنجي معشوقه کي چيائين ته مونکي خواب ۾ ٻڌايو ويو آهي ته ۱۴ فيبروري تي راہب ۽ راهبه بغير نڪاح جي ميلاپ ڪري وٺن ته انهن تي ڪابه حد نه لڳندي راهبه ان چڪر ۾ اچي وئي ۽ ٻئي جوشِ عشق ۾ ميلاپ ڪري ويٺا ۽ انهن کي پوءِ قتل ڪيو ويو.

ان پادري جو نالو ويلنٽائن ٻڌايو وڃي ٿو انهي عاشق راهب ويلنٽائن جي ياد ۾ هر سال ۱۴ فيبروري تي "ويلنٽائن ڊي" ملهايو ويندو آهي. شرم جهڙي ڳالهه اها آهي ته عاشق راهب ۽ راهبه جو جنهن مذهب سان تعلق هو اهي انهي ڏهاڙي کي مڃڻ لاءِ تيار ئي نه آهن. مگر هي مسلمان آهن جيڪي هن بيحيائي واري ڪلچر کي دل وجان سان قبول ڪري ويٺا آهن.

پاڪستان ۾ هڪ سوچي سمجهي سازش تحت ويلنٽائن جهڙي واهيات تقريبات کي هٿي ڏني پيئي وڃي. اسلام جي نالي تي نهندڙ هن ملڪ ۾ لادينيت ۽ هوس پرستي جنس پرستي کي ڪيتري قدر وڌايو پيو وڃي ان جو اندازو اهڙي قسم جي بيهوده ڏهاڙن مان آساني سان لڳائي سگهجي ٿو. غير مسلم اين جي اوز تي هلندڙ اسڪولن، ڪاليجن ۽ يونيورسٽين ۾ پڻ باقاعده طور ان بيهوده ڏهاڙي کي ملهايو ويندو آهي. يقيناً انهن اسڪولن، ڪاليجن ۽ يونيورسٽين ۾ پڙهڻ وارا اسان جا ڀائر، ڀينرون ۽ نياٽيون ئي

هونديون آهن جن کي دنياوي تعليم ڏيڻ سان گڏوگڏ دين کان بہ دور ڪيو پيو وڃي.
گهٽين، بازارن، ڪاليجن ۽ يونيورسٽين ۾ واهيات نوجوان انهن با حياء ۽ با پردہ شريف ڇوڪرين کي گلدستا پيش ڪري تنگ ڪندا آهن جيڪي پڻ پنهنجو پاڻ کي مغربي تهذيب کان محفوظ رکڻ چاهين ٿيون. اهي باپردہ شريف ڇوڪريون اهي بداخلاقي جو جواب ڏيڻ بدران پنهنجي عزت بچائي اتان بچي نڪرڻ ۾ئي عافيت سمجهنديون آهن.
فحاشي ۽ بي حيائي جي انهي ڏهاڙي کي "يوم محبت" سڏڻ بدران "يوم فحاشي" سڏيو وڃي تہ بهتر ٿيندو. ڇو جو اهو ڏهاڙو عورت ۽ مرد جي وچ ۾ ناجائز تعلقات کي وڌائي ٿو. اهل مغرب جي اها ڪوشش آهي تہ اسلامي معاشري ۾ فحاشي ۽ عرياني کي عام ڪري مغربي ملڪن جيئن هتي بہ عورت کي تماشو ۽ رانديڪو بنايو وڃي.
اهڙي طرح اليڪٽرانڪ ميڊيا تي "ويلنٽائن ڊي" جي حوالي سان پروگرام نشر ڪيا ويندا آهن. واهيات نوجوانن جي طرفان شريف ۽ باعزت ڇوڪرين جي نالي تي پيغام نشر ڪيا ويندا آهن. اسان جي ميڊيا ان بيحيائي جي ڪلچر کي پڻ ڪوريج ڏيندي آهي. ايئن محسوس ٿيندو آهي ڄڻ تہ بي حيائي جي پروگرام کي پڪيڄڻ ۾ مغربي ملڪن جي طرفان ڪو خاص پيڪيج ڏنو ويو آهي. جنهن تي عمل ڪيو پيو وڃي.
افسوس جو اسان جا مسلمان ڇوڪرا توڙي ڇوڪريون هن بيحيائي جي ڏهاڙي کي ملهائڻ ۾ خوشي محسوس ڪندا آهن.
هر سال جيئن هن سال بہ آزاد خيال سياستدانن جي اڪثريت هن بيحيائي ۾ حصو ورتو ۽ وڏي جوش جذبي سان "ويلنٽائن ڊي" ملهايو. ان ڳالهہ جو ثبوت ڏنائون تہ اسان جو تعلق حضرت محمد ﷺ سان نہ پر راهب ويلنٽائن سان آهي.
ويلنٽائن ۽ ان جهڙيون بيهوده سرگرميون جيڪي اسلامي اخلاقيات جو جنازو ڪڍي ڇڏين ان متعلق حڪومت کي خاموش تماشائي جو ڪردار ادا نہ ڪرڻ گهرجي.
پرنٽ ۽ اليڪٽرانڪ ميڊيا کي هي گذارش ٿي ڪجي تہ هو هوش کان ڪم وٺن ۽ نئين نسل کي جنسي آوارگيءَ جي طرف رهنمائي ڪرڻ بدران انهن کي اخلاقي ۽ اسلامي تعليمات کان واقف ڪري ۽ انهن کي انهي ڳالهہ جو احساس ڏيرائي تہ جنهن واٽ تي توهان نڪري پيا آهيو انهيءَ جا نتيجا تمام خطرناڪ آهن لهذا تعليمي ادارن جي منتظمين ۽ استادن کي ادب جا هٿ ٻڌي گذارش ڪجي ٿي تہ تعليم کي حاصل ڪرڻ لاءِ اچڻ وارا ٻار اوهان وٽ امانت آهن. انهن کي اهڙن واهيات ۽ بداخلاق ڏهاڙن جي نقصانات کان آگاهہ ڪن. الله تعالي اسان سڀني کي هر قسم جي گناهن کان بچڻ جي توفيق ڏي. آمين.

عبدالسلام جمالي نواب شاه

رشتيداري ٽوڙڻ هڪ خطرناڪ گناهہ

رشتي، برادري، دوستي، ياٿپي ٽوڙڻ کي قطع رحمي چئبو آهي. جيڪڏهن شرعي عذر (يعني ڪير توهان کي ديني مجلس ۾ شرڪت ڪرڻ يا ديني مسائل کي اهميت ڏيڻ کان روڪي ٿو تہ تنهن ڪري) جي قطع رحمي ڪريو ٿا تہ اهو جائز آهي ڇو تہ هڪ مؤمن جي علامت اها آهي تہ هو ڪنهن سان دوستي ڪري يا محبت ڪري تہ الله جي رضا ڪارڻ ۽ جي ناراض ٿئي تہ الله لاءِ.

نبي ڪائنات ﷺ جن فرمايو تہ

اتدرون اي الاعمال احب الي الله تعاليٰ؟

ڇا توهان ڄاڻو ٿا تہ الله تعاليٰ وٽ محبوب اعمال ڪهڙا آهن؟

قال قائل: الصلواة والزکواة و قال قائل: الجهاد.

ڪنهن چوڻ واري چيو نماز ۽ زڪوات ۽ ڪنهن چوڻ واري چيو تہ جهاد. (الله وٽ سڀ کان محبوب عمل آهن)

قال النبي صلي الله عليه وسلم ان احب الاعمال الي الله تعاليٰ الحب في الله والبغض في الله.

نبي ﷺ جن فرمايو بيشڪ الله وٽ محبوب اعمال اهو آهي تہ الله ڪارڻ محبت (دوستي) ڪري ۽ الله ڪارڻ بغض رکي.

پر جيڪڏهن ڪو شخص دنيا، دولت، خودغرضي، مفاد ۽ انا جي ڪري قطع رحمي اختيار ڪري تہ شريعت اسلام ۾ اهو جرم جنهن جا ڪيئي نقصان آهن. قرآن ۽ حديث مطابق ڪجهہ نقصان هيٺ ڏجن ٿا.

١) قطع رحمي ڪرڻ واري تي الله جي لعنت

قطع رحمي ڪرڻ واري شخص تي الله جي لعنت آهي، انهي شخص کي الله تعاليٰ پنهنجي رحمت کان محروم ڪري ڇڏيو آهي ڇو تہ هي هڪ وڏو جرم آهي.

الله تعاليٰ جو فرمان آهي:

وَالَّذِيْنَ يَنْقُضُوْنَ عَهْدَ اللّٰهِ مِنْۢ بَعْدِ مِيْثَاقِهٖ وَيَقْطَعُوْنَ مَآ اَمَرَ اللّٰهُ بِهٖٓ اَنْ يُّوْصَلَ وَيُفْسِدُوْنَ فِي الْاَرْضِ ۙ اُولٰۗىِٕكَ لَهُمُ اللَّعْنَةُ وَلَهُمْ سُوْۗءُ الدَّارِ ۲۵ (البقره)

۽ جيڪي الله جو انجام ان جي پڪي ڪرڻ کان پوءِ ڀڃندا آهن ۽ الله جن ڪمن جي ڳنڍڻ جو حڪم ڪيو آهي، ڇنندا آهن ۽ زمين ۾ فساد وجهندا آهن، انهن تي لعنت آهي ۽ انهن لاءِ بڇڙو گهر آهي. (الرعد: ۲۵)

الله تعاليٰ جو فرمان آهي تہ

وَاتَّقُوا اللّٰهَ الَّذِيْ تَسَاۗءَلُوْنَ بِهٖ وَالْاَرْحَامَ ۭ اِنَّ اللّٰهَ كَانَ عَلَيْكُمْ رَقِيْبًا (النساء)

۽ الله عزوجل کان ڊڄو جنهن جو واسطو ڏئي توهان هڪٻئي کان پنهنجو حق گهرو ٿا ۽ ويجهي

رشتيدارن جي معاملي ۾ الله کان ڊڄندا رهو. (سورة: النسآء:١)

مذڪوره آيت سڳوري ۾ الله تعاليٰ رشتي جوڙڻ جو ذڪر فرمايو آهي جنهن انهي کي ٽوڙيو. مذڪوره آيت مطابق انهي شخص تي الله جي لعنت آهي ته وعيد بہ.

الله تعاليٰ جو فرمان آهي:

فَهَلْ عَسَيْتُمْ اِنْ تَوَلَّيْتُمْ اَنْ تُفْسِدُوْا فِي الْاَرْضِ وَتُـقَطِّعُوْٓا اَرْحَامَكُمْ ٢٢ اُولٰۗىِٕكَ الَّذِيْنَ لَعَنَہُمُ اللّٰهُ فَاَصَمَّہُمْ وَاَعْمٰٓى اَبْصَارَهُمْ ٢٣ (محمد)

اوهان کان اها شيءِ پري نہ آهي جو جيڪڏهن توهان کي حڪومت ملي وڃي تہ توهان زمين ۾ فساد پکيڙي ڇڏيو ۽ رشتا ناتا ٽوڙي ڇڏيو. هي اهي ماڻهو آهن جن تي الله جي لعنت آهي ۽ جن جي سماعت (ٻڌڻ) ۽ اکين جي روشني کي (الله تعاليٰ) کسي ورتو آهي. (مُحمد: ٢٢-٢٣)

انهي آيت سڳوري ۾ هر ملڪ، ڳوٺ، گهر جي اڳواڻ لاءِ نصيحت آهي تہ الله انهن کي (بادشاهي) اڳواڻي بخشي تہ هو (رشتي ناتي کي ٽوڙڻ کان بغير هڪٻئي سان گڏجي رهن جيڪو هڪٻئي کان ناراض ٿئي ۽ قطع رحمي اختيار ڪري تہ انهن ۾ صلح ڪرائين.

الله تعاليٰ جو فرمان آهي تہ

وَاِنْ طَاۗىِٕفَتٰنِ مِنَ الْمُؤْمِنِيْنَ اقْتَتَلُوْا فَاَصْلِحُوْا بَيْنَهُمَا ۚ فَاِنْۢ بَغَتْ اِحْدٰىهُمَا عَلَي الْاُخْرٰى فَقَاتِلُوا الَّتِيْ تَبْغِيْ حَتّٰى تَفِيْۗءَ اِلٰٓى اَمْرِ اللّٰهِ ۚ فَاِنْ فَاۗءَتْ فَاَصْلِحُوْا بَيْنَهُمَا بِالْعَدْلِ وَاَقْسِطُوْا ۭ اِنَّ اللّٰهَ يُحِبُّ الْمُقْسِطِيْنَ ۝ (الحجرات)

جيڪڏهن مؤمنن جون بہ ٽوليون پاڻ ۾ وڙهن تہ سندن وچ ۾ صلح ڪريو. (حجرات: ٨-٩)

٢) قطع رحمي ڪرڻ واري کي دنيا ۾ بہ سزا ملندي آهي

قطع رحمي ڪندڙ شخص کي الله تعاليٰ دنيا ۾ ئي سزا ڏيندو آهي ۽ آخرت ۾ انهي لاءِ رسوائي ۽ بدنامي آهي. نبي ﷺ جن فرمايو

مامن ذنب احريٰ ان يعجل الله لصاحبه العقوبة في الدنيا مع مايدخر له في الآخرة من البغي و قطيعة الرحم. (ترمذي ٢٥١١، ابوداؤد ٢٧٦

بغاوت ۽ قطع رحمي اهڙا گناه آهن جو انهن جي سزا الله تعاليٰ دنيا ۾ ئي ڏئي ڇڏي ٿو. آخرت جي سزا ان کان سواءِ آهي.

٣) قطع رحمي الله تعاليٰ کي ناپسند آهي

قطع رحمي الله تعاليٰ وٽ تمام ناپسند عمل آهي. ختعم قبيلي جي هڪ شخص جو چوڻ آهي تہ مون رسول الله ﷺ کي چيو اي الله جا رسول ﷺ! ڪهڙا عمل الله کي سڀ کان وڌيڪ ناپسند آهن؟ رسول الله ﷺ جن فرمايو الله سان شرڪ ڪرڻ، مون چيو الله جا رسول ﷺ پوءِ ڪهڙو عمل آهي؟ پاڻ ﷺ جن فرمايو قطع رحمي. مون چيو الله جا رسول ﷺ پوءِ ڪهڙو عمل آهي؟ نبي ﷺ جن فرمايو تہ برائي جو حڪم ڏيڻ ۽ نيڪي کان روڪڻ. (ترغيب ترهيب: ٢٥٢٢)

معلوم ٿيو تہ شرڪ کان پوءِ الله وٽ ناپسنديده ۽ برو عمل قطع رحمي آهي.

٤) قطع رحمي ڪرڻ واري جي خلاف (رشتي) رحم جي فرياد

جڏهن پانهو هڪبئي کان قطعي رحمي اختيار ڪري ٿو يعني رشتو برادري ٽوڙي ٿو تہ رحمد (رشتو) الله کي فرياد ڪندو آهي. نبي ﷺ جن فرمايو رحم رحمن مان نڪتل آهي ۽ عرش سان لٽڪيل آهي ۽ چوندو آهي اي منهنجا رب مون کي ڪٽيو ويو. اي منهنجا رب مون سان برو سلوڪ ڪيو ويو آهي، اي منهنجا رب مون سان ظلم ڪيو ويو. الله تعالىٰ جواب ڏي ٿو: ڇا تو کي اها ڳالهہ پسند ناهي جو آئون انهي کي (پنهنجي رحمت سان) ملايان جيڪو تو کي ملائي انهي کي (پنهنجي رحمت کان) ڪٽيان جيڪو تو کي ڪٽي ڇڏي. (احمد **٣٨٣**)

معلوم ٿيو تہ جيڪو دوستي، رشتو، برادري ٽوڙيندو اهو شخص الله جي رحمت کان محروم رهجي ويندو.

٥) قطعي رحمي واري جو ڪو بہ عمل قبول ناهي

قطع رحمي ڪندڙ شخص کان الله تعالىٰ ايڏو تہ ناراض ٿيندو آهي جو انهي جي ڪنهن بہ عمل کي قبول ناهي ڪندو. نبي ﷺ جن فرمايو

ان اعمال بني آدم تعرض كل خميس ليلة الجمعة، فلا يقبل عمل قاطع رحم.

سڀني انسانن جا عمل هر جمعي جي رات پيش ڪيا ويندا آهن (پر) قطع رحمي ڪرڻ واري شخص جو عمل قبول نہ ڪيو ويندو آهي. (احمد:**٣٨٣**)

٥) قطعي رحمي ڪرڻ وارو جنت کان محروم

مٿي توهان پڙهي چڪا آهيو تہ قطع رحمي ڪرڻ واري جي عمل کي الله قبوليندو ئي ناهي ۽ بدنصيبي آهي انهي شخص لاءِ جو نبي پاڪ ﷺ جن فرمايو تہ

فمن قطعها حرم الله عليه الجنة.

جيڪو قطع رحمي ڪري ٿو الله تعالىٰ ان تي جنت کي حرام ڪري ڇڏي ٿو. (ترغيب ترهيب: ٢٥٣٣)

معلوم ٿيو ته قطع رحمي ڪندڙ شخص جنت کان محروم ٿي ويندو آهي. الله تعالىٰ کان دعا آهي ته صلح رحمي ڪرڻ ۽ قطع رحمي کان بچڻ جي توفيق عطا فرمائي. آمين

الشيخ عبد العزيز بن عبد الله ابن باز -رحمہ الله تعالي

معمولي سمجهيل خطرناڪ گناھ

قسط : آخري

ماڻهن جي گهرن ۾ اجازت کان سواءِ جهاتيون پائڻ

يَاأَيُّهَا الَّذِينَ آمَنُوا لَا تَدْخُلُوا بُيُوتًا غَيْرَ بُيُوتِكُمْ حَتَّى تَسْتَأْنِسُوا وَتُسَلِّمُوا عَلَى أَهْلِهَا النور/٢٧،

اي ايمان وارؤ پنهجي گهرن کان علاوه ٻين جي گهرن ۾

ڪوڙو خواب بيان ڪرڻ

ڪجھ ماڻهو ڪوڙا خواب ٺاهي بيان ڪندا آهن تہ جيئن ان جي مقام مرتبي ۾ واڌرو ٿئي ۽ مشهور ٿي وڃن يا ڪو مالي فائدو حاصل ڪن يا جنهن سان دشمني آهي ان کي ڊيڄارين ڪيترن ئي جاهل ماڻهن جو خوابن تي انڌو اعتقاد هوندو آهي جيڪي هن ڪوڙ جي ڪري دوکو کائيندا رهندا آهن ڪوڙا خواب بيان ڪرڻ جي باري ۾ سخت ڌمڪي ڏني وئي آهي

رسول الله ﷺ جن فرمايو :

" إن من أعظم الفرى أن يدعي الرجل إلى غير أبيه أو يري عينه ما لم تر ويقول على رسول الله صلى الله عليه وسلم ما لم يقل "

سڀ کان وڏو ڪوڙ هيءُ آهي تہ ڪوبہ ماڻهو پهنجو پاڻ کي پيءُ کان علاه ڪنهن ٻي شخص ڏي منسوب ڪري يا اهڙو خواب بيان ڪري جيڪوهن نہ ڏٺو آهي يا

رسول ρ ڏانهن اهڙي ڳالھ منسوب ڪري جيڪا هن نہ فرمائي آهي ."(١)

رسول الله ﷺ جن فرمايو

" من تحلم بحلم لم يره كلف أن يعقد بين شعيرتين ولن يفعل...الحديث

"جنهن ڪوڙو خواب بيان ڪيو تہ ان کي ٻن جون ۾ ڳنڍ لڳائڻ جي سزا ڏني ويندي ۽ ڪڏهن بہ انهن کي ڳنڍ نہ لڳائي سگهندو ."(٢)

" من تحلم بحلم لم يره كلف أن يعقد بين شعيرتين ولن يفعل...الحديث ،

سزا بظاهر تہ ڪم آهي پرآهي حقيقت ۾ هڪ اهڙي

[1] البخاري مع فتح ٦/٥٤٠،

[2] البخاري انظر الفتح ١٢/٤٢٧

ڪم جي جيڪو انسان جي وس ۾ نہ هجڻ جي ڪري انتهائي تڪليف ڏيندڙ عمل آهي .“(٣)

قبر تي ويهڻ ،لتاڙڻ يا قبرستان ۾ قضاءِ حاجت ڪرڻ

ابوهريره رضي الله عنه ڪان روايت آهي تہ رسول الله صلي الله عليه وسلم فرمايو:

" لأن يجلس أحدكم على جمرة فتحرق ثيابه فتخلص إلى جلده خير له من أن يجلس على قبر "

توهان مان ڪو شخص باھ جي اماڙي تي ويهي جيڪا هن جا ڪپڙا ساڙي جسم تائين پهچي وڃي ائين ڪرڻ هن شخص جي لاءِ ڪنهن قبر تي ويهڻ ڪان وڌيڪ بهتر آهي(٤)

ميتن ڪي دفنائڻ وقت ڪيترائي ماڻهو قبرن ڪي پيرن يا (ڪڏهن ڪڏهن) جتين سان سان لتاڙيندڙ آهن مري ويلن جي پوئيرن جو احترام نہ ڪندا آهن رسول الله صلي الله عليه وسلم جن ان حرڪت ڪي ڪبيرو گناھ قرار ڏنو آهي پاڻ صلي الله عليه وسلم جن فرمايو تہ :

"لأن أمشي على جمرة أو سيف أو أخصف نعلي برجلي أحب إلي من أن أمشي على قبر مسلم... "

”منهجو ڪنهن باھ جي اماڙي ،تلوار تي هلڻ يا پنهنجي پير ڪي سبي چڏڻ منهنجي نزديڪ مسلمان جي قبر تي هلڻ ڪان وڌيڪ بهتر آهي .“(٥)

هر عقلمند انسان چاڻي ٿو تہ قبرن تي هلڻ يا ويهڻ ايتري قدر سخت گناھ آهي تہ پوءِ تہ قبرستان جي زمين تي ناجائزقبضو ڪري اتي رهائشي فروفيشنل رهائشي منصوبو تيار ڪرڻ ڪيتري قدر نہ وڏو گناھ آهي .اهڙي طرح ڪيترائي بدنصيب قبرستان جي ديوار ٽپي اتي قضا حاجت ڪندا آهن ڪري انهيءَ گندگيءَ سان ميتن ڪي انهِيءَ گندگي سان تڪليف پهچائيندا آهن

جڏهن تہ نبي صلي الله عليه وسلم جن جو فرمان آهي

" وما أبالي أوسط القبر قضيت حاجتي أو وسط السوق

منهجي نزديڪ قبرستان ۾ قضا حاجت ڪرڻ يا بازار جي وچ تي قضا حاجت ڪرڻ برابر آهي .“ (٦)

مطلب تہ ٻنهي جڳهين تي پيشاب ڪرڻ جي برائي برابرآهي جيڪي ماڻهو قبرستانن (خاص طور تي

[3] البخاري مع الفتح ٤٢٧/١٢

[4] رواه مسلم ٦٦٧/٢.

[5] ابن ماجة ٤٩٩/١ , صحيح الجامع ٥٠٣٨.

[6] ابن ماجة ٤٩٩/١ , صحيح الجامع ٥٠٣٨.

پراڻن قبرستانن ۾ جنهن جي ديوار ڪري وئي آهي) ۾ ڪچرو ۽ گندگي اڇلائيندا آهن انهي جي لاءِ ساڳي ڏمڪي ۽ گناهه اهي

قبرستان جي زيارت جي ادب ۾ هيءَ ڳالهه بہ شامل آهي تہ قبرستان ۾ هلڻ دوران جتي نہ پائي .

پيشاب ڪان نہ بچڻ

اسلامي شريعت هر ان سني ڳالهه جو حڪم ڪيو آهي جيڪا انسان ذات ڪي سڏاري انهن مان هڪ گندگي ختم ڪرڻ جو حڪم آهي انڪري دين اسلام(پاڻي يا پٿرن سان) صفائي جو مڪمل طريقو ٻڌايو آهي ڪيترائي ماڻهو سستي جو شڪار آهن انهن جو جسم يا ڪپڙا گندا رهندا آهن انهي حالت ۾ نماز بہ ڪونٿي ٿئي بلڪ نبي ﷺ انهي قبر جو عذاب جون ذريعو قرار ڏنو آهي

ابن عباس ڪان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ مديني جي هڪ باغ وٽان گذريا پاڻ ﷺ جن ٻن انسانن جو آواز ٻڌو جن تي انهن جي قبرن ۾ عذاب ٿي رهيو هو پاڻ ﷺ جن فرمايو

" يعذبان، وما يعذبان في كبير - ثم قال - بلى [وفي رواية: وإنه لكبير] كان أحدهما لا يستتر من بوله وكان الآخر يمشي بالنميمة...

"انهن تي عذاب ٿي رهيو آهي پر ڪنهن مشڪل ڪم جي ڪري نہ ٿي رهيو آهي (يعني ان ڪان بچڻ تمام آسان هو) هڪ روايت جا لفظ آهن تہ هڪ ڪبيري گناهه جي ڪري عذاب ٿي رهيو آهي انهن مان هڪ پيشاب (جي ڇنڊن) ڪان بچندو هو ۽ ٻيو چغلخوري ڪندو هو."(٧)

بلڪ نبي ﷺ جن فرمايو تہ

" أكثر عذاب القبر في البول "

گهڻو ڪري قبر جو عذاب پيشاب (جي ڇنڊن ڪان نہ بچڻ جي ڪري ٿيندو)آهي(٨)

پيشاب جي ڇنڊن نہ بچڻ عام طور تي پيشاب ۾ جلدي ڪرڻ ۽ ختم ٿيڻ ڪان اڳ ئي اٿي وڃڻ آهي يا ڪنهن شيءَ ڪي ٽيڪ لڳائڻ جي ڪري لڱيڻ ٿيندو آهي يا ڪنهن سخت جڳهہ تي پيشاب ڪرڻ جي ڪري ڇنڊا واپس ڪپڙن ڪي لڳندا آهن يا پاڻي وغيره استعال نہ ڪرڻ جي ڪري ائين ٿيندو آهي اڄلڪلهہ تہ ڪافرن جي مشابهت ڪندي ڪجهہ مختلف ديورلن سان پيشاب جي لاءِ ڪموڊو لڳايا ويندا آهن جن ۾ پيشاب ڪندڙ اندرئين يا ٻاهرين طرف بغير ڪنهن حيا جي پيشاب ڪندو آهي ۽ پيشاب ڪرڻ ڪانپوءِ

---

[٧] رواه البخاري مع فتح الباري ٣١٧/١.

[٨] الإمام أحمد ٣٢٦/٢ ,صحيح الجامع ١٢١٣

گندگي صاف ڪرڻ ڪانسواءِ مٽي ڪٽي ونندو آهي اهوماڻهو به گناهه گڏ ڪري ٿو هڪ ته پنهنجي اوگهڙ کي ماڻهن کان ڪونٿو لڪائي ٻيو ته پيشاب جي ڇنڊن کان ڪونٿو بچي ."

جاسوسي ڪرڻ

الله تعاليٰ جو فرمان آهي ته :

(ولا تجسسوا...) الحجرات/١١

"جاسوسي نه ڪريو."

ابن عباس رضي الله عنه کان روايت آهي ته رسول الله ﷺ جن فرمايو :

" من استمع إلى حديث قوم وهم له كارهون صب في أذنيه الآنك يوم القيامة... "

"جنهن به ڪنهن قوم جي ناپسنديدگي جي باوجود انهن جو ڳالهيون ٻڌڻ جي ڪوشش ڪئي ته ان جي ڪنن ۾ (گرم پگهرايل شيهو وڌو ويندو."(٩)

پر جيڪڏهن ڪنهن قوم کي نقصان ڏيڻ جي لاءِ انهن جون ڳالهيون اڳتي موڪلڻ جاسوسي سان گڏچغلخوري به هڪ ٻيو وڏو گناهه آهي رسول الله ﷺ جن فرمايو ته :

" لا يدخل الجنة قتات "

"چغلخور جنت ۾ داخل نه ٿيندو ."(١٠)

[9] الطبراني في الكبير ١١/٢٤٨-٢٤٩ صحيح الجامع ٦٠٠٤

[10] البخاري انظر الفتح ١٠/٤٧٢

برو پاڙيسري

الله تعاليٰ اسان کي پاڙيسري سان سهٽي سلوڪ جو حڪم ڏيندي فرمايو :

{وَاعْبُدُواْ اللّهَ وَلاَ تُشْرِكُواْ بِهِ شَيْئًا وَبِالْوَالِدَيْنِ إِحْسَانًا وَبِذِي الْقُرْبَى وَالْيَتَامَى وَالْمَسَاكِينِ وَالْجَارِ ذِي الْقُرْبَى وَالْجَارِ الْجُنُبِ وَالصَّاحِبِ بِالجَنبِ وَابْنِ السَّبِيلِ وَمَا مَلَكَتْ أَيْمَانُكُمْ إِنَّ اللّهَ لاَ يُحِبُّ مَن كَانَ مُخْتَالاً فَخُورًا} لنساء/٣٦.

" ۽ الله جي ئي عبادت ڪريو ۽ ساڻس ڪنهن کي به شريڪ نه ڪريو ۽ ماءُ ۽ پيءُ ۽ ويجهن مائٽن ،يتمين ،مسڪينن ، ويجهڙائي وارن پاڙيسرين ۽ ڏارين پاڙيسرين ۽ پر واري دوست ۽ مسافر ۽ جن غلامن جا اوهان جا سڄا هٿ مالڪ ٿيا آهن انهن سڀني سان سهٽوسلوڪ ڪريو ۽ بيشڪ الله تعاليٰ هٺيلي ۽ فخر واري کي پسند نٿو ڪري .

پاڙيسري جوحق عظيم هجڻ جي ڪري ان کين تڪليف ڏيڻ به حرام آهي

ابو شريح کان روايت آهي ته رسول الله ﷺ جن فرمايوته :

" والله لا يؤمن والله لا يؤمن والله لا يؤمن، قيل ومن يا رسول الله ؟ قال: الذي لا يأمن جاره بوائقه "

الله جوقسم اهو شخص مومن نٿو ٿي سگهي ، الله

جوقسم اهو شخص مومن نٿو ٿي سگهي ، الله جوقسم اهو شخص مومن نٿو ٿي سگهي ، صحابه ڪرام عرض ڪيو اي الله جا نبي ﷺ !ڪنهن جي باري ۾ فرمايو ٿا " پاڻ ﷺ جن فرمايوجنهن جي برائي کان ان جا پاڙيسري محفوظ نہ هجن(١١)

نبي ﷺ جن هڪ پاڙيسري طرفان ہي پاڙيسري جي نيڪي يا برائي بيان ڪرڻ کي نيڪي ۽ برائي جو معيار قرار ڏنوآهي

ابن مسعود رضي الله عنه جن کان روايت آهي تہ

كيف لي أن أعلم إذا أحسنت أو إذا أسأت ؟

هڪ شخص عرض ڪيو تہ الله جا نبي ! مونکي ڪنهن ماڻهو جي نيڪ يا بري هجڻ جي ڪيئن خبر پوندي

رسول ﷺ جن فرمايو:

إذا سمعت جيرانك يقولون: قد أحسنت فقد أحسنت، وإذا سمعتهم يقولون: قد أسأت فقد أسأت "

تہ جيڪڏهن ان جي پاڙيسرين کي ان جي نيڪي ڪندي ٻڌين تہ ان کي نيڪ سمجھ ۽ جيڪڏهن پاڙيسرين ان جي برائي ڪندي ڏسين تہ ان کي برو سمجھ(١٢)

پاڙيسري کي تڪليف پهچائڻ جون مختلف صورتون آهن

مثلا : پنهنجي پاڙيسريءَ کي مشترڪ ديوار تي ڪاني (ٽيئر ،گادر) لڳائڻ کان منع ڪرڻ يا پنهجي ديوارکي پاڙيسري جي اجازت کانسواءِ ايترو مٿي کڻي وڃي جوهوسج جي روشني يا فطري هوا کان محروم ٿي وڃي يا هن جي گهر جي طرف کلندڙ درين يا دروازن کولي تہ ان جي گهر پردي وارين شين کي ڏسي سگهي ،يا عام وقت يا آرام جي وقت مختلف آوازن: در ڪڙڪائڻ يا رڙين سان ان کي پريشان يا ان جي اولاد کي مارڻ يا سندن گهر يا چائنٺ تي ڪچرو اڇلائڻ وغيره

اهي برائي جيڪڏهن پنهنجي ويجهي پاڙيسري سان ڪري ٿو ان جو گناهہ اجان بہ وڏي ويندو آهي

رسول الله ﷺ جن فرمايو تہ

" لأن يزني الرجل بعشر نسوة أيسر عليه من أن يزني بامرأة جاره.. لأن يسرق الرجل من عشرة أبيات أيسر عليه من أن يسرق من بيت جاره "

ڪنهن ماڻهو جو ڏهن عورتن سان زنا ڪرڻ جو گناهہ پاڙيسري جي زال سان زنا ڪرڻ کان گهٽ آهي ....

اهڙي طرح ڪنهن ماڻهو جو ڏهن گهرن مان چوري

---

[11] البخاري مع فتح الباري ٤٤٣/١٠

[12] الإمام أحمد ٤٠٢/١ , صحيح الجامع ٦٢٣.

ڪرڻ جو گناھ پاڙيسري جي گھر مان چوري ڪرڻ جي گناھ ڪان گھٽ آهي(١٣)

وصيت سان ڪنهن کي نقصان پهچائڻ

اسلامي شريعت جو هڪ اهم قانون آهي ”لاضرر ولا ضرار “ تہ ڪوبہ ڪنهن نقصان نہ پهچائي نہ وري ان کي نقصان پهچايو وڃي .نقصان پهچائڻ جي هڪ هيءَ بہ صورت آهي تہ وصيت سيني يا ڪجھ وارثن جي کي گھاٽو پهچايو وڃي .

ان طرح ڪندڙ کي رسول الله ﷺ وارو رسول اڪرم ﷺ جي هن بددعا جو مستحق بنجي ويندو آهي :

عَنْ رَسُولِ اللَّهِ صَلَّى اللَّهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ أَنَّهُ قَالَ مَنْ ضَارَّ أَضَرَّ اللَّهُ بِهِ وَمَنْ شَاقَّ شَقَّ اللَّهُ عَلَيْهِ

” جيڪوڪنهن مسلمان کي نقصان پهچائيندو تہ الله ان کي نقصان پهچائيندو ۽ جنهن مسلمان کي تڪليف ۾ وڌو تہ الله بہ ان کي تڪليف ۾ وجهندو .“ (١٤)

” وصيت ۾ نقصان جي هڪ صورت هيءَ بہ آهي تہ ڪنهن وارث ان جي شرعي حق کان محروم ڪيو وڃي ،يا وصيت ذريعي ڪنهن کي ان جي شرعي حصي کان علاوً ڪو ٻيو حصو ڏنو وڃي اهي ملڪ جن جي عوام ڪنهن شرعي حاڪم جي ماتحت نہ هوندا آهن اتي مروج انسانن جو ٺاهيل غير شرعي قانون حقدار جي شرعي حق جي حصول لاءِ هڪ وڏي رڪاوٽ بنجي ويندو آهي . اهي غير شرعي عدالتون اهڙي ظلم تي مشتمل وصيت کي معتبر سمجهنديون آهن جيڪي وصيت ڪنهن وڪيل يا رجسٽرار جي وسيلي لکيون وڃن انهي جي انهن لکت سببان انهن جي لاءِ بربادي آهي ۽ انهن جي انهن جي ڪرتوتن ڪري انهن لاءِ تباهي آهي

تاش،شطرنج ،چڪو ڪيڏڻ

ماڻهن ۾ رائج ڪيتريون رانديون حرام ڪمن تي مشتمل هونديون آهن انهن مان هڪ تاش ،شطرنج ،چڪويا انهن جي قسمن ۾ شمار ٿيندڙ رانديون بہ حرام آهن اهي سڀ رانديون جوا جو دروازو کوليندڙآهن

نبي ﷺ جن فرمايو تہ

أَنَّ النَّبِيَّ صَلَّى اللَّهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ قَالَ مَنْ لَعِبَ بِالنَّرْدَشِيرِ فَكَأَنَّمَا صَبَغَ يَدَهُ فِي لَحْمِ خِنْزِيرٍ وَدَمِهِ

---

[١٣] البخاري في الأدب المفرد رقم ١٠٣ ,السلسلة الصحيحة ٦٥،

[١٤] مسنداحمد ٣ / ٤٥٣ صحيح الجامع ٦٣٤٨

بريده رضي الله عنه جن کان راويت آهي تہ
جيڪو بہ شطرنج ،چڪي ، تاش سان کيڏي ٿو تہ ڄڻ ان پنهنجا هٿ سوئر جي گوشت ۽ رت ۾ ٻريا(١٥)
ابو موسي رضي الله عنه کان روايت آهي تہ رسو ل الله ﷺ جن فرمايو تہ
مَنْ لَعِبَ بِالنَّرْدِ فَقَدْ عَصَى اللَّهَ وَرَسُولَهُ
جنهن شطرنج، چڪي، تاش کيڏي ان الله ۽ ان جي رسو ل جي نافرماني ڪئي(١٦)

مؤمن کي ڪنهن شيءِ تي ناحق لعنت ڪرڻ

ڪيترائي ماڻهو ڪاوڙ جي وقت پنهنجي پاڻ تي قابو نہ ڪري سگهندا آهن ۽ انسانن جانورن ۽ بي جان شين ۽ ڏينهن ۽ لمحن کي تي لعنت ڪرڻ شرووع ڪري ڏينداآهن ڪڏهن تہ پنهنجي پاڻ تي يا اولاد تي لعنت ڪندا آهن يا زال ۽ مڙس هڪٻئي تي لعنت ڪندا آهن جڏهن تہ ائين ڪرڻ حرام ۽ انتهائي خطرناڪ معاملو آهي
ابو زيد ثابت کان راوايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن فرمايو
مؤمن تي لعنت ڪرڻ ان جي قتل جي برابر آهي
عورتن ۾ هيءَ بيماري گهڻي هوندي آهي ۽ نبي ﷺ جن واضح ڪري ڇڏيو آهي تہ اهائي لعت عورتن جيب گهٽائي جي دوزخ ۾ وڃڻ جو سبب آهي
اهڙي طرح لعنت ڪندڙ سفارش ڪرڻ جو مرتبو نہ ماڻيندا انهي کان وڌيڪ بري ڳالھ هي ءَ آهي تہ لعنت چوندڙڏانهن ئي موٽندي آهي ڄڻ تہ هن شخص پهنجو پاڻ الله جي رحمت کان پري رهڻ جي دعا ڪئي آهي ."

ماتم ڪرڻ

ڪيتريون عورتون ميت جي وقت رڙيون ڪنديون آهن منهن تي ڏڪ هڻنديون آهن ،يا ميت جي فخريہ واڪاڻ بيان ڪنديون اهي سڀ ناجائز آهن .
اهڙي طرح ڪپڙا ڦاڙڻ ،وار پٽڻ يا ڪوڙائڻ جهڙا عمل الله جي فيصلي تي ناراض هجڻ ۽ بي صبريءَ جو دليل آهن نبي ﷺ ائين ڪندڙ تي لعنت ڪئي آهي .
ابو امامه کان راويت آهي تہ رسول الله ﷺ جن فرمايو تہ
لعن الخامشة وجهها والشاقة جيبها والداعية بالويل والثبور "
نبي ﷺ جن چهري تي رانيوٽا پائيندڙ،ڪپڙا ڦاڙيندڙ،پنهنجي پاڻ کي تباهي بربادي جا پاراتا

[١٥] مسلم حديث نمبر ٤ / ١٧٧٠

[١٦] مسند احمد ٤ / ٣٩٤ ،صحيح الجامع حديث نمبر ٦٥٠٥

ڏيندڙ عورت تي لعنت ڪئي آهي .“(١٧)

ابن مسعود رضي الله عنه روايت ڪري ٿو رسول الله جن فرمايو تہ

عَنْ عَبْدِ اللَّهِ رَضِيَ اللَّهُ عَنْهُ قَالَ لَيْسَ مِنَّا مَنْ لَطَمَ الْخُدُودَ وَشَقَّ الْجُيُوبَ وَدَعَا بِدَعْوَى الْجَاهِلِيَّةِ

” جنهن پنهنجي رخسار کي ڏک هنيا ۽ ڪپڙا ڦاڙيا ۽ جهالت جون پڪارون پڪاري ٿو ان جو اسان سان ڪوبہ تعلق نہ آهي“(١٨)

نبي ﷺ جن فرمايو تہ

النَّائِحَةُ إِذَا لَمْ تَتُبْ قَبْلَ مَوْتِهَا تُقَامُ يَوْمَ الْقِيَامَةِ وَعَلَيْهَا سِرْبَالٌ مِنْ قَطِرَانٍ وَدِرْعٌ مِنْ جَرَبٍ

”ماتم ڪندڙ عورت جيڪڏهن مرڻ کان پهريائين توبہ نٿي ڪري تہ ان قيامت جي ڏينهن ان حالت ۾ بيهاريو ويندو جو ان تي گندرف ۽خارش واري قميص هوندي .“ (١٩)

چهري کي مارڻ يا داغڻ

عَنْ جَابِرٍ قَالَنَهَى رَسُولُ اللَّهِ صَلَّى اللَّهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ عَنْ الضَّرْبِ فِي الْوَجْهِ وَعَنْ الْوَسْمِ فِي الْوَجْهِ

جابر رضي الله عنه کان روايت آهي تہ رسول الله جن چهري تي مارڻ ۽ چهري تي نشان لڳائڻ(داغڻ کان) منع فرمايو.(٢٠)

ٿي ڏينهن کان مٿي تعلقات ٽوڙڻ

شيطان جي سازشن مان هڪ سازش هيءِ بہ تہ مسلمان جي پاڻ تعلق ۽ واسطي کي ٽوڙي پوءِ جيڪي شيطان جي انهي چار ۾ ڦاسي پوندا آهن اهي پنهجي مسلمان ڀاءَ سان ڪنهن عذر شرعي کان سواءِ واسطا ٽوڙي الڳ ٿي ويندا آهن يا ڪنهن عارضي مفاد جي خاطر يا بيجا راءِ جي ڪري ائين ڪندا آهن يا اها ناراضگي ڪافي وقت رهندي آهي ڪڏهن ڪڏهن ان سان ڳالهہ ٻولهہ نہ ڪرڻ جو قسم ڪنيو ويندو آهي يا ان جي گهر نہ وڃڻ جي نذر مڃي ويندي آهي پوءِوات ويندي لن ڪي ڏسي ان کان منهن موڙيو ويندو آهي ۽ مجلس ۾ ان جي ساڄي ۽ کاٻي طرف ويٺلن سان تہ هٿ ملايو ويندو آهي پر هن کان منهن موڙيو ويندو آهي اهي شيون مسلمان سماج ۾ڪمزوريون پيدا ڪنديون آهن انڪري شريعت هن عمل روڪڻ لاءِ واضح حڪم ۽ سخت ڌمڪي ڏني آهي

ابو هريره رضي الله عنه جن کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ

---

[١٧] ابن ماجة ٥٠٥/١ , صحيح الجامع ٥٠٦٨

[١٨] بخاري مع الفتح ٣ / ١٦٣

[١٩] مسلم حديث نمبر ٩٣٤

[٢٠] مسلم

جن فرمايو تہ

لا يحل لمسلم أن يهجر أخاه فوق ثلاث فمن هجر فوق ثلاث فمات دخل النار "

كنهن بہ مسلمان لاءِ جائز نہ آهي پنهجي مسلمان ڀاءُ كان ٽي راتين (ڏينهن)كان مٿي واسطو ٽوڙي پر جيكڏهن ٽن ڏينهن كان مٿي ائين كيائين تہ دوزخ ۾ داخل ٿيندو(٢١)

ابو خراش اسلمي كان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن فرمايو

" من هجر أخاه سنة فهو بسفك دمه "

جنهن هڪ سال تائين پنهنجي مسلمان ڀاءُ سان واسطوتوڙيو تہ ڄڻ ان پنهجي ڀاءُ جو رت وهايو آهي ."(٢٢)

هن معاملي جي برائي جي لاءِ اها ڳالهہ ئي كافي تہ ائين كندڙ جي بخشش كان محروة رهندو آهي

ابو هريرة رضي الله عنه كان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن فرمايو تہ :

" تعرض أعمال الناس في كل جمعة مرتين، يوم الإثنين ويوم الخميس فيغفر لكل عبد مؤمن إلا عبدا بينه وبين أخيه شحناء فيقال: اتركوا أو أركوا (يعني أخروا) هذين حتى يفيئا "

هفتي ۾ ٻہ ڀيرا سومر ۽ خميس جي ڏينهن ماڻهن جي عملن كي (الله تعالىٰ)وٽ پيش كيو وڃي ٿوپوءِ هر كنهن مومن انسان كي بخشيووڃي ٿو سواءِان جي جنهن پنهجي مسلمان ڀاءُ سان ناراضگي ركي انهن جي باري ۾ چيو ويندوآهي تہ انهن كي ڇڏي ڏيو ايستائين جو اهي صلح كن(٢٣)

انهن ٻنهي مان جيكو بہ توبہ كري ٿو تہ ان كي گهرجي پنهجي ڀاءِ ڏي وڃي ان كي سلام ڇئي ملاقات كري جيكڏهن هن ائين كيو پر ٻي صلح كان انكار كيو تہ هن جي ذميداري ختم ٿي وئي هاڻي گناه صلح نہ كندڙ تي ٿيندو

ابوايوب رضي الله عنه كان روايت تہ رسول الله ﷺ جن فرمايو تہ :

لَا يَحِلُّ لِرَجُلٍ أَنْ يَهْجُرَ أَخَاهُ فَوْقَ ثَلَاثِ لَيَالٍ يَلْتَقِيَانِ فَيُعْرِضُ هَذَا وَيُعْرِضُ هَذَا وَخَيْرُهُمَا الَّذِي يَبْدَأُ بِالسَّلَامِ

كنهن بہ مسلمان لاءِ جائز نہ آهي پنهنجي مسلمان ڀاءُ كان ٽي راتين (ڏينهن)كان مٿي واسطو ٽوڙي ان كان الڳ رهي جو جڏهن هكٻئي سان ملن تہ هكٻئي كان منهن موڙين انهن ٻنهي ۾ بهترين انسان اهو آهي

[٢١] أبو داود ٥/٢١٥ , صحيح الجامع ٧٦٣٥.

[٢٢] الأدب المفرد حديث رقم , صحيح الجامع ٦٥٥٧.

[٢٣] رواه مسلم ٤/١٩٨٨

جيڪو (ناراضگي ختم) ڪري سلام ڇوڻ ۾ اڳرائي ڪري ٿو."

پر جيڪڏهن تعلق ۽ واسطو ڪنهن شرعي سبب جي ڪري ٽوڙيو وڃي مثلا بي نمازي آهي يا بدڪاري ڏي سڏيندڙ آهي جيڪڏهن اها اميد آهي تہ تعلق ٽوڙڻ سان اهو ماڻهو گناهہ کان رڪجي ويندو ۽ ان تي ان اثر پوندو ۽ پنهجي غلطي جو احساس ٿيندو تہ اهڙي صورت تعلق ٽوڙڻ واجب آهي پر جيڪڏهن اهو خطرو آهي تہ تعلق ٽوڙڻ سان ان جي گناهن ۽ بدڪارين ۾ وڌيڪ اضافو ٿيندو تہ ان ڪري اهڙي صورتحال ۾ تعلق ٽوڙڻ نہ گهرجي ڇوتہ اها ان وقت اها شرعي مصلحت نہ هوندي آهي بلڪ بگاڙوڌندو آهي پر اهڙي ماڻهوسان سهڻو سلوڪ نصيحت خيرخواهي ڪرڻ بهتر رهندو

جيڪي معاشري ۾ عام حرام ڪم هئا انهن جو ذڪر ڪيو ويو آخر ۾ الله کان ان جي سهڻن نالن جي واسطي سان سوال ڪريون ٿا اسان کي پهنجي اهڙو خوف عطا ڪري جيڪو اسان جي گناهن جي راهہ ۾ رڪاوٽ بڻجي وڃي

۽ اسان کي پنهنجي اطاعت جي اهڙي توفيق سان مالامال ڪري جنهن سان اسين سندس جنت ماڻيون ۽ اسين ڪانئس پنهنجن گناهن جي معافي، معاملن ۾ ڪوتاهين جي بخشش جو سوال ڪريون ٿا ۽ ڪانئس سندس ڀاڃهہ سان سندس حلال روزي جي حصول ۽ حرام کان بي پرواهہ ٿيڻ جو سوال ڪريون ٿا تہ اسان جي توبہ کي قبول فرمائي بي شڪ دعائون قبول ڪندڙ ۽ ٻڌندڙ آهي

وصلي الله علي النبي الامي وصحبه اجمعين والحمد لله رب العالمين

مضمون نـــــگار متوجہ ٿين

ماهنامہ دعوت اهل حديث جي علمي ۽ تحقيقي معيار کي بهتر بنائڻ جي لاءِ ڪجھ اهم لوازمات زير غور آهن جن ۾ مضمون نگارن جي سهڪار جي اشد ضرورت آهي :

(۱) موجود دور ۾ اليڪٽرونڪ ميڊيا جي گهڻي استعمال جي سببان مضامين جي ڪمپوزنگ ڪو ڏکيو ڪم نہ آهي ، جيڪڏهن مضامين نگار پنهنجي مضمون ڪمپوز ڪري هڪ ڀيري چيڪ ڪري موڪلين تہ بهتر آهي باقي ان مضمون ۾ وڌيڪ نکار پيدا ڪرڻ اداري جي ذميداري هوندي.ياد رهي تہ هن وقت اڪثر رسالن ۽ اخبارن ۾ اهائي پاليسي رائج ٿي چڪي آهي

اڪثر مضامين نگار مضمونن ۾ حوالا اڌورا لکن ٿا، يا ڪنهن ثانوي ڪتاب تا نقل ڪن ٿا ، اهو طرز عمل تحقيقي معيار جي خلاف آهي ، لهذا معيار کي بهتر بنائڻ جي لاءِ رسالي ۾ حوالن جي لاءِ هي طريقو مقرر ڪيو ويو آهي ؛

(۲) **قرآني آيت :** قرآن جي آيت جو حوالو هن طرح ڏنو وڃي مثلا :

النساء: ۴ /۱۵۰ (سورت جو نمبر / آيت نمبر)

(۳) **حديث جو حوالو:** شايع ٿيندڙ تمام حديثن جا حوالا هن طرح هجڻ گهرجن. مؤلف جو نالو /ڪتاب جو نالو /ضمني ڪتاب/ضمني باب/جلد نمبر/صفحو نمبر/حديث نمبر(جيڪڏهن ملي سگهي) /ناشر / ڪتاب جي طبع نمبر /۽ ،ڪتاب جي ڇپجڻ جي سال مثلا هڪ روايت صحيح بخاري مان ورتل آهي:

محمد بن اسماعيل بخاري ، الجامع الصحيح المختصر. ڪتاب الايمان ،باب افشاء السلام من الاسلام ض ۲۰ حديث نمبر ۲۰ ، طبع اول ناشر دارالسلام .رياض ۱۴۱۲هه

(۴) باقي ڪتابن جي حوالن جي لاءِ بہ اهو طريقو اختيار ڪيو وڃي ، تمام حوالا مضمون جي آخر ۾ نمبر لڳائي لکيا وڃن.

(۵) بهتر رهندو تہ مضمون ۾ جن بہ سلف صالحين جا نالا اچن ٿا بريڪٽ ۾ انهن جو سن وفات بہ ذڪر ڪيو وڃي.

(ادارو)

MONTHLY

DAWAT-E-AHL-HADITH

من آثار

Shaikhul Arab wal Ajam

Sayyid Badi' ud-Din Shah al-Rashidi



Jamadi-ul-Awwal ,Jamadi-us-Sani 1437 March 2016

ISSUE. 177

Jamiat Ahl-E- Hadith Sindh